ستسنگ

مهاراج چرن سنگهه جي

١٨

رام نام من بيڌيا اور ڪ ڪري بيچار
(گرنٿ صاحب)

راڌا سوامي ستسنگ، بياس (پنجاب)

سري راڳ - محله ١

رام نام من بيڌيا اور ڪ ڪري بيچار ·
سبد سرت سکھ اوپجي پرڀ راتؤ سکھ سار ·
جئہ ڀاوي تئہ راکہ تون مئہ هر نام آڌار ·
من ري ساچي خصم رجاء ·
جن تن من ساج سيڱارئا تس سيتي لو لاء ·
تن بئسنتر هوميئي اڪ رتي تول ڪٽاء ·
تن من سمڌا جي ڪري اندن اگن جلاء ·
هر نامئ تل نہ پڄئي جي لکہ ڪوٽي ڪرم ڪماء ·
ارڌ سرير ڪٽائيئي سر ڪروت ڌراء ·
تن هئمنچل گاليئي ڀي من تي روگہ نہ جاء ·
هر نامئ تل نہ پڄئي سڀ ڏٺي ٺوڪ وجاء ·
ڪنچن ڪي ڪوٽ دت ڪري بهہ هئور گئور دان ·
ڀومي دان گئوئا گهڻي ڀي انتر گرب گمان ·
رام نام من بيڌيا گر ديئا سچ دان ·
من هٺ ٻڌي ڪيتيئا ڪيتي بيد بيچار ·
ڪيتي بندن جيئہ ڪي گورمکہ موکہ دئار ·
سچهہ اوري سڀ ڪو اوپر سچ آچار ·
سڀ ڪو اوچا آکيئي نيچ نہ ديسئي ڪوئي ·
اِڪنئہ ڀانڊي ساجئي اڪ چانڻ تهہ لوء ·
ڪرم ملئہ سچ پائيئي ڌر بخس نہ ميٽئہ ڪوء ·

جي جيل خاني ۾ اچڻو پوندو آهي. جيستائين اسانجو من وس ۾ نه ايندو تيستائين اسانجي آتما ڪهڙيءَ طرح واپس وڃي پرماتما سان ملي سگهندي؟ چڱيءَ طرح ويچار ڪري ڏسو، هي اسانجو من ئي نه آهي جنهن جي ڪارڻ پاڻ پاڻ جو دشمن آهي، قوم قوم جي دشمن آهي، ڌرم ڌرم جو دشمن آهي. اسين ڪهڙيءَ طرح هڪ ٻئي جي ٽنگ ڪٽڻ لاءِ ترڪيبون ۽ اُپاءَ سڀو ڏينهن سوچيندا رهندا آهيون. هيءُ جيڪي به اسين ڪري رهيا آهيون، من جي وس ٿي ڪري رهيا آهيون، سو جيستائين من کي وس نه ڪنداسين تيستائين اسين پرماتما جو پتو نه لڳائي سگهنداسين، اسين واپس وڃي پرماتما سان ڪهڙي طرح ملي سگهنداسين؟ انهيءَ ڪري ستگرو اشارو ڪيو هو، 'پاڻ کي سڃاڻو' يعني سڀ کان پهريان پنهنجو پاڻ کي سڃاڻو. گرو صاحب جن فرمائين ٿا:-

سو جن نرمل جن آپ پڇاتا.

(آد گرنٿ ص. ١٠٤٦)

اهي سڄڻ پاڪ آهن، پوتر آهن، پرماتما سان ملڻ جي لائق آهن، جيڪي پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ جي لائق ٿي وڃن ٿا. اسين پنهنجو پاڻ کي ڪڏهن سڃاڻندا آهيون؟ جڏهن اسين من ۽ مايا جي دائري کان پري هليا ويندا آهيون، جڏهن اسانجي آتما جي مٿان سڀ گندا ۽ ناپاڪ پردا لهي ويندا آهن، جڏهن اسين استول، سوکشم ۽ ڪارڻ منڊلن کان پار لنگهي ويندا آهيون. تڏهن وڃي اسانکي پنهنجي پاڻ جو پتو پوندو آهي، پنهنجي اصل جو پتو پوندو آهي. اسانجي آتما نه پاڪ هئي، ۽ پوتر هئي، پر من جي ساٿ ڪرڻ سبب تمام گندي ۽ ميري ٿي چڪي آهي. مون ڪيترا دفعا مثال ڏنو آهي ته ڪڪرن ۾ پاڻي ڪهڙو نه صاف سٿرو هوندو آهي. اهو ئي پاڻي جنهن وقت برسات پئجي ڌرتيءَ تي اچي ٿو، ڪيتري گندگي ڪٺي ڪري ٿو، اُنجي اندران بدبوءِ اچڻ شروع ٿي وڃي ٿي، هو پاڻيءَ کي گندگي ٿي سمجهڻ

ساڌ ملئه ساڌو جنئه سنتوکه وسئه گر پاءِ.
اکٿ ڪٿا ويچاريئي جي سنگور ماهه سماءِ.
پي امرت سنتوکئا درگهه پئا جاءِ.
گهٽ گهٽ باجئه ڪنگري ان دن سبد سپاءِ.
ورلي ڪئه سو جهي پئي گورمکه من سمجهاءِ.
نانڪ نام نه ويسري ڇوٽي سبد ڪماءِ.

ستسنگ

رام نام من بيٺا اوڙڪ ڪري ويچار.

هيءَ ٻهراڻ پاتشاهي، شري گرو نانڪ ديو جن جي باڻي آهي. هن شبد ۾ پاڻ نام جي مهما ڪن ٿا ۽ اسانجي خيال کي هر پرڪار جي سنڪلپن ۽ ڀرمن مان ڪيڍڻ چاهين ٿا. پاڻ اپديش ڪن ٿا ته آتما ۽ پرماتما جي وچ ۾ جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ آهي، پڙدو آهي ته اهو فقط اسانجي من جو پڙدو آهي. جيستائين اسانجي من جي رڪاوٽ اسانجي رستي مان دور نه ٿيندي، تيستائين اسانجي آتما ڪڏهن به نرمل نه ٿي سگهندي، پوتر نه ٿي سگهندي، واپس وڃي اُن پرماتما سان ملڻ جي لائق نه ٿي سگهندي. اسانجي آتما اُن پرماتما جي انش آهي، اسين اُن ستنام روپي سمنڊ جي بوند آهيون. اُن مالڪ کان وڇڙي هن مايا جي جار ۾ ڦاٿا پيا آهيون. من جي وس ٿي جيڪي به ڪوم ڪندا آهيون، سٺا ڪندا آهيون يا خراب ڪندا آهيون، اُنهن سڀني ڪرمن جو ڦل ڀوڳڻ جي واسطي هرهڪ کي بار بار هن چوراسيءَ

ڇاڪاڻ ته اڳتي هلي اسانجو خيال ڪٿي جڙي نٿو، هو واپس موٽي دنيا ۾ ئي ڀٽڪڻ شروع ڪندو آهي. زبردستيءَ پنهنجي من کي دنيا مان ڪڍڻ اَن وانگر آهي، گرو نانڪ صاحب جن فرمائن ٿا، جهڙيءَ طرح اسين هڪ نانگ کي ٽوڪريءَ ۾ بند ڪري ڇڏيندا آهيون. ٽوڪريءَ ۾ بند ڪري ڇڏڻ سان نه ته ڪڏهن نانگ جو ڪروڌ ويندو آهي، نه زهر ويندو آهي ۽ نه جوش ويندو آهي. جيستائين هو ٽوڪريءَ جي اندر بند هوندو آهي، اسين انجي زهر ۽ ڏنگ کان ضرور بچيل رهندا آهيون، پر جيئن ئي انکي ٽوڪريءَ کان ٻاهر نڪرڻ جو موقعو ملندو ۽ هو ڏنگ ضرور هڻندو، ڪڏهن پنهنجي عادت کان باز نه ايندو آهي. سو نانگ کي ٽوڪريءَ ۾ بند ڪري اسين نڀر ٿي نه سگهندا آهيون، اسانکي پنهنجي جان جو ڊپ پوءِ به لڳو رهي ٿو. انهيءَ نانگ کي جيڪڏهن پڪڙي انجي زهر جي ٿيلهي ڪڍي ڇڏيندا آهيون ته اهو نانگ نقصان نه پهچائيندو آهي ۽ پوءِ اسين ڀلي انکي ڳلي ۾ وجهي گهمندا ڦرون. اسين جهنگلن پهاڙن ۾ وڃي مندرن، مسجدن، گردوارن ۾ لڪي، گرنٿ-پوٿيون، ويد-شاستر، پڙهي سمجهندا آهيون ته اسانجو من وس ۾ اچي ويو آهي. پر جنهن وقت دنيا جو مقابلو ڪرڻو پوندو آهي، اهي ئي اڇائون آهن، اهي ئي ترشنائون پيدا ٿين ٿيون ۽ اسانجو من اسانکي انهيءَ موٽي آڳران ئي نچائڻ شروع ڪندو آهي. حضور جن سمجهائيندا هئا ته زبردستيءَ من کي وس ۾ ڪرڻ اَن رهت آهي جهڙيءَ طرح اسين ڪنهن بدمعاش کي پوليس جي حوالي ڪري ايندا آهيون. جيستائين پوليس انکي ٽاڪي ۾ رکندي آهي، اسين انجي شرارتن کان بچيل رهندا آهيون، پر جنهن وقت پوليس هنکي ڇڏي ڏيندي آهي، هو بستيءَ ۾ اچي اڳي وانگر شرارتون شروع ڪري ڇڏيندو آهي. جيڪڏهن اسين هنکي پوليس جي حوالي ڪرڻ بدران سمجهائي ٻجهائي سٺو انسان بڻايون ته اسين هن جي

لڳندو آهي. انهيءَ ڳالهيءَ لاءِ جڏهن اُس يا سج جا ڪرڻا پوندا آهن ۽ اهو ڀاڦ بڻجي گندگيءَ کي ڇڏي ٿو، تڏهن وڃي اُنکي پنهنجو پتو لڳندو آهي، پوءِ اُنکي سمجهه ايندي آهي تہ هيءَ گندگي ڪا ٻي چيز آهي، مان ڪا ٻي چيز آهيان، مان اڄاڻو گندگيءَ جو ساٿ ڪري پاڻ کي گندگي سمجهي ويٺو هوس. جنهن وقت هو پنهنجو پاڻکي گندگيءَ کان الڳ سمجهندو آهي پوءِ هو پنهنجي اصليت جي باري ۾ سوچيندو آهي. جيئڪي آسمان ۾ بادل آهن، هو سڀ وڃي اُنهن بادلن ۾ اُئي سمائجي وڃي ٿو، اِها اسان سڀني جي آتما جي حالت آهي. هوءَ اُن پرماتما جو جزو آهي، پر اسين مالڪ کان وڇڙي، من جي آڌار تي تمام گندا ٿي چڪا آهيون، تمام ميرا ٿي چڪا آهيون. جيستائين اسانجي آتما ۽ من جي گنڍ نہ کلندي، تيستائين اسين ڪڏهن بہ پنهنجو پاڻکي سڃاڻڻ جي لائق نٿا بڻجي سگهون ۽ نڪو اسين واپس وڃي پرماتما کي ڄاڻڻ جي لائق بڻجي ٿا سگهون. مهاتما سمجهائين ٿا، 'پرماتما کي ڄاڻڻ لاءِ پهريان پنهنجو پاڻکي سڃاڻڻ ضروري آهي. جيستائين اسانکي پنهنجو اُي پتو نٿو لڳي تہ اسين ڪير آهيون، ڪٿان آيا آهيون، ڪهڙي طرف وڃي رهيا آهيون، تيستائين اسان کي اُن پرماتما ۽ پرميشور جو ڪهڙو پتو لڳي سگهندو!

دنيا جا سڀ جيو پنهنجي عقل انوسار هزارين نمونن ۽ طريقن سان پنهنجي من کي وس ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جپ تپ ڪندا آهن، پوڄا-پاٺ ڪندا آهن، پن-دان ڪندا آهن، گهر-ٻار ڇڏي جهنگلن-پهاڙن ۾ لڪي ويهندا آهن، ستسنگ ۾ ويندا آهن، مندرن، مسجدن، گردوارن ۾ ويندا آهن. هي سڀ طريقا ۽ سڀ ساڌن اسين فقط پنهنجي من کي وس ڪرڻ لاءِ ڪندا آهيون. هٺ ڪرمن ۾ ڦاسي اسين زبردستي پنهنجي خيال کي دنيا کان اُپرام يا الڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون.

ملندو، ھيءَ دنيا جو موھہ، دنيا جو پيار ڇڏڻ لاءِ ڪڏھن بہ تيار نہ ٿيندو. اھا ڪھڙي چيز جي لذت آھي، ڪھڙي شيءِ جو پيار آھي، جنھن کي پراپت ڪري ٿي انسان جو من دنيا جي موھہ ۽ پيار کي ڇڏي ڏيندو؟ گرو نانڪ صاحب جن پنھنجو انڀو ٻڌائين ٿا، 'رام نام من ڀيديا اَور ڪ ڪري وچار'، نہ پائي، ھي جو تنھنجو من وشين-وڪارن ۾ ڦاسي ھرڻ وانگر راس نہ ٿيھن ٽڪندو رھي ٿو، اھو ھميشہ لاءِ قابو ٿي ويندو، وس ۾ اچي ويندو، ۽ واپس پنھنجي ٺڪاڻي تي پھچي ويندو. گرو نانڪ صاحب انوسار 'رام نام' جو مطلب ڪوئي لفظ نہ آھي، بلڪ اھا طاقت آھي جنھن ساري دنيا جي رچنا پيدا ڪئي آھي، جنھن جي آڌار تي سب کنڊ - برھمنڊ بيٺل آھي جيڪا طاقت انسان سڀني جي اندر سمائي پيئي آھي. جيستائين اسين پاڻ کي ان جي اندر لين نہ ڪندا سين، تيستائين انسان جو من ڪڏھن بہ سڌو ٿي نہ سگھندو، وس ۾ اچي نہ سگھندو ۽ واپس پنھنجي منزل تي پھچي نہ سگھندو. گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا:—

سچي نام سدا من سچا سچ سھوي دک گواوڻيا:

(آد گرنٿ، ص ١١٦)

جنھن وقت انسان جو خيال سچي شبد، سچي نام سان جڙي ويندو، انسان جو من سدائين لاءِ سچو ٿي پوندو، پوتر ٿي ويندو ۽ من کي پوتر ڪري اسين ھميشہ لاءِ دک جي پنڌن مان آزاد ٿي ويندا سين، جنم مرڻ جي دکن کان ڇوٽڪارو پائيندا سين. پاڻ فرمائين ٿا:—

سبد مري من مارني اپنا مڪتي دا در پاوڻيا:

(آد گرنٿ، ص ١١٧)

جڏھن توھين پنھنجي من کي شبد ۽ نام سان جوڙيندا، تہ من نرمل ۽ پوتر ٿي ويندو ۽ پوءِ توھانکي مڪتي پراپت ڪرڻ جو رستو ملي سگھندو. سو جيستائين من نرمل ۽ پوتر نہ ٿيندو تيستائين

شرارتن کان هميشه لاءِ بچي پوندا آهن.
انڪري ماڻا سمجهائن ٿا ته جيڪڏهن توهين من کي وس ڪرڻ چاهيو ٿا ته سيکان ٻارن من جي طبعيت، من جي سڀاءَ جي باري ۾ چڱيءَ طرح سوچ ويچار ڪرڻ کپي. اسين ڇا ٿا ڏسون ته اسانجو من لذت جو عاشق آهي، اسين ڪنهن شيءِ سان پيار ڪندا آهيون، جيڪڏهن اسانکي ان کان وڌيڪ ڪا سٺي شيءِ نظر اچي ٿي ته اسين ٻارنءَ کي ڇڏي ٻيءَ پٺيان ڊوڙڻ شروع ڪندا آهيون. دنيا جو ڪو به موهه، ڪوئي به پيار اسان جي من کي هميشه لاءِ ترپت نه ڪري سگهندو. اهي شڪايون ۽ پدارت جنهنڪي پنهنجو ٻڌائڻ لاءِ اسين ٻيان ڏيڻ جي ڳالهه ٻڌ سوچيندا هئاسين، اهڙو ته وقت اچي وڃي ٿو جڏهن اسانجو من انهن شڪلين کي ڏسڻ بـ پسند نه ڪندو آهي، انهن سان نفرت ڪرڻ شروع ڪندو آهي. چڱيءَ طرح ويچار ڪري ڏسون، ته بالڪپڻ ۾ اسان جو ماءُ پيءُ سان ڪيترو پيار هوندو آهي. ماڻا ٻن منٽن لاءِ پري ٿي وڃي ٿي ته ٻار روئڻ ڇيخون مارڻ شروع ڪري ڇڏيندو آهي. پر جنهن وقت ٻه ٽي پسائر پمر ٿي ويندا آهن، اهو ماءُ پيءُ جو پيار ڇڏي هو پسائر پمرن جي پيار ۾ الجهڻ شروع ڪندو آهي. اسين جڏهن اسڪولن ڪاليجن ۾ ويندا آهيون ته اسانجو اهو ٻي پيار دوستن مترن سان ٿي ويندو آهي. جڏهن اسان جي شادي ٿيندي آهي، اهو ٻي پيار زال سان ٿي ويندو آهي، ٻارن ٻچن سان ٿي ويندو آهي. بزرگ ٿيڻ تي، قومن، مذهبن، ملڪن ڏانهن ڦهلجي وڃي ٿو. هڪ پيار آهي ڪيترئين شڪليون بدلائي ٿو ۽ ڪيترا روپ بدلائي ٿو. پر ڪوئي به پيار اسانجي من کي هميشه لاءِ وس ڪري نٿو سگهي. انڪري اسين عام طرح چوندا آهيون ته اسان جو من ورائٽا (Variety) جـو عاشق آهي. هڪ شيءِ کي ڏسي ـ ڏسي، ڪـائي ـ ڪائي اسين تنگ ٿي پوندا آهيون. سو جيستائين اسانجي من کي دنيا جي موهه کان، دنيا جي پيار کان اوچو ۽ اُتم پيار نه

ٽڪيلو آهي. هي جيڪي به اسان جا ڌرم آهن، انهن سڀني جون رِيتون رسمون الڳ الڳ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، جاڪاڻ ته هي رِيتون رواج اسان جا پنهنجا ٺاهيل آهن. پر جيڪا روحانيت آهي، اصليت آهي، حقيقت آهي، سڀني جو سار آهي، روحانيت جي جڙ آهي، اها هرهڪ ڌرم جي تهه ۾ هڪ ئي چيز آهي. هندو ٿي اندر وڃو، سک يا عيسائي ٿي اندر وڃو، آمريڪا يا آفريڪا نواسي ٿي اندر وڃو. جيڪو به ماڻهو ديهه جي اندر وڃي اندر ڳولها ڪري ٿو اهو پنهنجي اندر انهيءَ روحانيت کي پراپت ڪري سگهي ٿو. انهيءَ روحانيت کي الڳ الڳ مهاتمائن الڳ الڳ قومن مذهبن ۽ ملڪن ۾ الڳ الڳ لفظن جي ذريعي اسانکي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هتي گرو نانڪ صاحب انکي 'رام نام' چون ٿا؛ انهيءَ کي ٻئي پد ۾ 'سرت شبد' چئي سمجهائيندي انکي ٻاڻ نرمل شبد، گر جي ٻاڻي، سچي ٻاڻي سڏن ٿا. امر، حڪم، اڪٿ ڪٿا، هري ڪيرتن چئي ياد ڪن ٿا، رام نام چئي ورڻن ڪن ٿا. اهڙي طرح مسلمان فقيرن ڪلمو، بانگي آسماني، ڪلامي الاهي، ندائي سلطاني چئي ياد ڪيو آهي. عيسيٰ مسيح انهيءَ روحانيت کي 'ورڊ' يا 'لوگاس' چئي ڪري ياد ڪيو آهي. اسين جيترن به لفظن سان انکي ياد ڪندا آهيون، هرهڪ جو اشارو ان شبد جي طرف آهي، ان نام جي طرف آهي. سو جيستائين اسان کي اهو سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته مهاتما 'رام-نام' ڪنهنکي چون ٿا؛ شبد ڪنهنکي چون ٿا، گروءَ جي ٻاڻي، آڪاش واڻي ڪنهن کي چون ٿا ۽ جنهن ڳالهه جي مهاتما واکاڻ ڪن ٿا، اها شيءِ يا چيز ڪهڙي هنڌ آهي، تيستائين اسين ان روحانيت مان فائدو ڪهڙي طرح وٺي سگهنداسين؟

شبد جا ٻه قسم آهن، هڪ ورڻاتمڪ، ٻيو ڌناتمڪ. ورڻاتمڪ شبد مهاتما انکي ٿا چون، جيڪو لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ اچي ٿو. جيترا به اسين پنهنجي پيار ۾ اچي، ان پرماتما جا نالا

مڪتي پراپت ڪرڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. چوٿين پاتشاهي جي باڻي آهي:—

نام ملي من ترپتي ئي بن نامي ڌرگ جيواس
(آد گرنٿ، ص ٤٠)

جنهن وقت تنهنجي من کي امرت ڀريل نام ملي ويندو، تنهن جي من ۾ ترپتي ۽ شانتي اچي ويندي. جيڪڏهن اسان منش جوڻ ۾ ان امرت ڀريل نام کي پراپت نه ڪيو ته اسانجي هن ديهه ۾ اچڻ ئي ڌڪار آهي؛ اسانجو منش جنم جو اصلي مقصد پورو نه ٿي سگهندو. اهو ئي سوامي جن فرمائين ٿا:—

ڌن سن ڪر من سمجهائي. (سار وچن ٩٣)

هي من جڏهن به وس ۾ ايندو آهي ان شبد ۽ نام کي پڪڙي ئي ايندو آهي، جو هر وقت اسانجي اندر ڌنڪارون ڏيئي رهيو آهي. ان شبد کي ئي باڻ ڌُن چئي سمجهائين ٿا. ان ڌن يا شبد کي پڪڙي من واپس برهم يا ترڪٽي، پنهنجي منزل تي پهچندو آهي. جو ڪجهه به ملندو اهو شبد يا نام جي ڪمائي ڪرڻ سان ئي ملندو. گرو نانڪ صاحب جن سمجهائين ٿا:—

سبدي ساد جاڻهه تا آپ پڇاڻهه:
(آد گرنٿ، ص ١١٥)

جڏهن توکي پنهنجي اندر ۾ شبد ۽ نام جي لذت ايندي ته تون پنهنجو پاڻکي سڃاڻڻ جي لائق ٿيڻجي پوندين، آتما ۽ من جي ڳنڍ کلي پوندي ۽ تون پرماتما سان ملڻ جي لائق ٿيڻجي پوندين. ٽين پاتشاهي جن به اهو لکن ٿا:—

جن انتر سبد آپ پڇاڻهه گت مت تن هي پائي:
(آد گرنٿ، ص ٩١٠)

جيڪي پنهنجي اندر شبد کي پڪڙي پنهنجو پاڻکي سڃاڻن ٿا، اصلي ساڌن، مالڪ سان ملڻ جو اصلي طريقو انهن گرمکن کي پراپت

الڳ الڳ لفظن ڏوارن مهاتما ان طاقت جي طرف اشارو ڪندا آهن.

هي شبد يا نام ڪٿي ٻاهر ڪونهي، اسان جي ديهه اندر ئي آهي، اسان جي سرير ۽ وجود جي اندر آهي. گرو صاحب جن فرمائين ٿا:-

سرب رهيو ٻالڪ ڪو ٻاهر جائي،
نام نه لهئه بهت وڳار ڏکه پائي.

(آدگرنٿ، ص ۱۲۴)

جيڪي انسان ديهه ۽ شرير کان ٻاهر اُن وستوءَ کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، سي ٻيگارين وانگر پنهنجي قيمتي وقت کي برباد ڪري رهيا آهن. ٻيگاري ڪير هوندو آهي؟ جو سڄو ڏينهن محنت ڪندو آهي، سڄو ڏينهن ٿڪجي ٽٽجي پوندو آهي، خون پسينو به هڪ ڪندو آهي، پر جنهن غريب اُجي هڙ-پلئه ڪجهه به نه پوندو آهي. جيڪڏهن ڪو خزانو اسان جي گهر ۾ پوريل هجي ۽ اسين ٻاهر رستن تي ڳولهيندا ڦرون ته اسين ان چيز کي ڪهڙيءَ طرح هٿ ڪري سگهنداسين؟ اسان جو روحاني سفر پيرن جي ترين کان سر جي چوٽيءَ تائين آهي. هن سفر جون ٻه منزلون آهن. هڪ اکين تائين آهي، ٻي اکين کان مٿي آهي. ديهه جي اندر جيڪا آتما ۽ من جي بيٺڪ آهي، اها اسانجي هر هڪ جي اندر اکين پٺيان آهن. ان کي ڪو تل چوندو آهي، ڪو شونيتر چوندو آهي، ڪو دوي چکشو چوندو آهي ۽ ڪو گهر-در چوندو آهي. هر هڪ جو خيال ان جڳهه تان لهي هيٺ نون دروازن جي وسيلي ساري دنيا ۾ ڦهلجي وڃي ٿو. گرمکن جي سکيا انوسار اسانکي انهيءَ ڦهليل خيال کي واپس آڻي اُن نقطي يا (Point) تي ايڪاگر ڪرڻو آهي. جنهن وقت اسان جو خيال اکين جي پٺيان ڪٺو ٿيڻ شروع ٿيندو آهي. گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا:-

رکون ٿا - الله، واهگرو، راڌاسوامي، هري اوم، پرماتما، پرميشور
وغيره، اهي سڀ ورڻاتمڪ نام آهن. اهي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ
۾ اچن ٿا. ٻهر ان نه اسان جا ڪيترا ملڪ آهن، هڪ هڪ ملڪ
جون ڪيترائون ٻوليون آهن، ۽ هرهڪ ٻوليءَ ۾ ڪيترن ئي لفظن
جي ذريعي ڏينهن رات اسين ان پرماتما کي ياد ڪندا آهيون.
مهاتمائن هزارين انيڪ نالا ان پرماتما جا رکيا آهن. اڃا هزارين
ڪيترن ئي مهاتمائن کي اچڻو آهي. اڳيان نالا وساري ڇڏيا آهيون
۽ ڪيترن نون لفظن سان ان پرماتما کي ياد ڪندا رهون ٿا. هي
ورڻاتمڪ نام آهن، پر هرهڪ مهاتما سچي نام جي مهما ڪندو
آهي، ڌناتمڪ نام جي مهما ڪندو آهي، جيڪو نه اکين سان
ڏسي سگهبو آهي، نه زبان سان ڳالهائي سگهبو آهي، نه ڪنن
سان ٻڌي سگهبو آهي. جنهن کي حضور مهاراج جن 'Un-written
law, un-spoken language' چئي ڪري سمجهائيندا هئا. اسان
جا ڪيترا ئي نام آهن ۽ توهين هرهڪ جي اتهاس جي کوج ڪري
سگهو ٿا، مدو مقرر ڪري سگهو ٿا. ڪو سؤ سال پراڻو آهي،
ڪو پنج سؤ سال پراڻو آهي، ڪو هزار سال پراڻو آهي. پر جنهن
شبد يا نام جي گرو صاحب هتي مهما ڪري رهيا آهن، ان شبد
۽ نام دنيا جي رچنا پيدا ڪئي آهي، انجي سهاري تي اسان جا
کنڊ برهمنڊ بيٺا آهن. گرو صاحب جن فرمائين ٿا:-

نامي هي تي سڀ ڪڇ هوتا:

(آد گرنٿ، ص ٧٥٣)

ڀائي، جو ڪڇ به توهان اکين سان ڏسين ٿو ان کي پرماتما نام
جي ذريعي پيدا ڪيو آهي. اهو ئي رشي-مني، ويد-شاستر
سمجهائيندا آيا آهن ته ان پرماتما آڪاش واڻيءَ ذريعي دنيا جي
رچنا ڪئي. قرآن شريف ۾ آيو آهي ته ان پرماتما ڪلمي جي
دواران دنيا جي رچنا پيدا ڪئي آهي. بائيبل ۾ آيو آهي ته ان
مالڪ ورڊ (Word) جي ذريعي دنيا جي رچنا ڪئي آهي. سو

جي وسيلي واپس ان نقطي Point تي کڻو ڪرڻو آهي.
گرو صاحب جن فرمائين ٿا:-

نو دروازي دسوين مڪتا، انهد شبد وڄاوڻيا:
(آد گرنٿ، ص ۱۱۰)

يانئي! جيستائين تنهنجو خيال اکين کان هيٺ آهي تون ڪڏهن به مڪتيءَ جي دروازي تي پهچي نه سگهندين، ڇاڪاڻ ته مڪتيءَ جو دروازو پرماتما اکين جي پٺيان رکيو آهي. جيستائين اسانکي گهر جو دروازو نه ملندو، اسين گهر جي اندر ڪهڙي طرح وڃي سگهنداسين؟ ان دروازي جي ڪهڙي نشاني آهي؟ گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا:-

"انهد سبد وڄاوڻيا" ته ان جڳهه ۾ Point تي انهد شبد ڌنڪارون ڏئي رهيو آهي. سو جيستائين اسان جي آتما اکين جي پٺيان اچي ان انهد شبد کي نه پڪڙيندي؛ تيستائين اسين مڪتي ڪهڙي طرح حاصل ڪري سگهنداسين؟ جنم مرڻ کان ڪهڙي طرح ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهنداسين؟ سو هيءَ جيڪا آتما ۽ من جي ڳنڍ آهي، اهــا شبد ۽ نام جي ڪمائي ڪرڻ سان کلي پوي ٿي، ڇو ته ان نام جي لذت انتري اوچي ۽ مٺي آهي جو انکي پراپت ڪري اسان جو من پهنجو پاڻ اندرين جي ڀوڳن، وشيه وڪارن، شرابن ۽ ڪبابن مان نڪري ايندو آهي. جيئن ڪنهنکي هيرا-جواهر ملي ويندا آهن ته هو وري ڪوڏين لاءِ در بدر ٺوڪرون نه کائيندو آهي. ڇوڪريون گڏين سان تيستائين راند ڪندا آهن جيستائين هنن جي پهنجي شادي نه ٿيندي آهي. سو ان شبد جي لذت، ان شبد جو پيار، هميشه لاءِ اسان کي دنيا مان اداس ۽ اپرام ڪرڻ شروع ڪندو آهي. پاهرين اداسي ڪڏهن به ڪنهن ۾ پرام پيدا نه ڪري سگهندي. فقط پرام ئي اسانکي اندروني شڪتي پيدا ڪري سگهي ٿو.
جيڪي ڪجهه به اسان کي ملندو؛ اهو شبد جي ڪمائيءَ سان

نو در ٺاڪي ڌاوت رهائي، دسوان نج گهر واسا پائي،
اوٿي انهد سبد وڄهه ڏن راتي، گرمتي سبد سڻاونيا.
(آد گرنٿ، ص ١٢٤)

جڏهن اسين نون دروازن مان خيال کي ڪڍي اکين جي پٺيان ڪٺو ڪنداسين ته اسان جو خيال پنهنجي گهر جي در تي پهچي ويندو. ان گهر جي در جي ڪهڙي نشاني ٻڌائي آهي؟ اها هيءَ آهي ته ان جڳهه تي انهد شبد رات ڏينهن ڌنڪارون ڏيئي رهيو آهي. اهو مٿي کان مٿو، سڀني کان سٺو آواز جيڪو مالڪ جي درگاهه کان اچي رهيو آهي. اهو اسان مان هر هڪ جي اندر ڌنڪارون ڏيئي رهيو آهي. اهو چورن جي اندر به آهي، ٺڳن جي اندر به آهي، سادن، سنتن، مهاتمائن جي اندر به آهي؛ جتي نه ڪنهن جاتيءَ، نه ڪنهن ڌرم، نه ڪنهن ديس جو سوال پيدا ٿو ٿئي. ڪوئي هندو ٿي اندر وڃي، سک يا عيسائي ٿي اندر وڃي، جو به خوش قسمت اکين جي پٺيان خيال کي ڪٺو ڪندو، اهو پنهن جي اندر ان آوازکي ٻڌڻ شروع ڪندو. انهيءَ آواز کي مهاتما 'رام-نام' چوندا آهن يا 'نام' چوندا آهن، شبد يا امرت چوندا آهن. گرو صاحب جن فرمائين ٿا:—

نو دروازي نوان در ڦيڪي رس امرت دسوان چئيجي.
(آد گرنٿ، ص ١٣٢٣)

ڀائي! اکين کان هيٺ اندرين جا ڀوڳ آهن، وشيه-وڪارن، شراب-ڪبابن جون لذتون آهن. جيڪڏهن توهان امرت رس پيئڻ چاهيو ٿا، 'دسوان چئيجي' اهو توهانجي اکين جي پٺيان وسي رهيو آهي. توهين ڏسو ته ڪيتري نه زبردست برسات پئي پئي؟ جيڪڏهن ٻڪن کي ٿي اٿو ڪري رکنداسين، انکي سڌو ڪري نه رکنداسين ته برسات جي هڪ به بوند ٻڪن ۾ نه پئجي سگهندي. جنهن چيز کي هٿي اکين جي ٻوڙان وڃي ان امرت کي پيئڻو آهي، اهو من ته سڄي دنيا ۾ ڦهليو پيو آهي. انهيءَ من کي سمرڻ ۽ ڌيان

اُمنگ پيدا ٿيندا آهن، اهڙيءَ زال سان کٽ-پٽ ٿي وڃي، گهر ڀرڪ ٽٽجي وڃڻو آهي. ٻار ٻچا پيدا ٿيندا آهن، اسين ڪيترون پارٽيون ڪندا آهيون ۽ ڪيترون خوشيون ملهائيندا آهيون. اهي ئي ٻار بيمار ٿي پوندا آهن، نالائق ٿي پوندا آهن، يا پرماتما انهن کي واپس گهرائي وٺندو آهي، ته سو اهو ئي اولاد اسان جي لاءِ ڪيترو ڏک جو ڪارڻ ٿئي پوندو آهي. ڪڏهن اسين حڪومت جي نشي ۾ سک ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. جڏهن ماڻهو اسان جا جلوس ڪڍندا آهن، اسان جو من ڦوليو نه سمائيندو آهي. پر اهو به احساس اسان جي سامهون آهي ته انهن ليڊرن کي اسين گولين جو شڪار بڻائيندا آهيون، ڪٽي جيلن ۾ بند ڪندا آهيون، ڦاسيءَ جي تختي تي لٽڪائي ڇڏيندا آهيون. جنهن مانَ وڏائي يا حڪومت جي نشي کي اسين سک سمجهي ويٺا آهيون اهو آخر ۾ اسان لاءِ ڏک جو ڪارڻ ٿئي پوي ٿو. انڪري گرو نانڪ صاحب اسان کي سمجهائين ٿا ته جيسين اسان جو من دنيا جي وهڪري ۾، دنيا جي پريم ۾ رڱيو پيو آهي، اسين ڪڏهن به سک پراپت ڪري نه سگهنداسين. اسين ڪڏهن به شانتي پائي نه سگهنداسين. جيڪڏهن سک ۽ شانتي پراپت ڪرڻي آهي "شبد-سرت سک اوپجي پريم رنگ سک سار." جڏهن سرت شبد جو ابياس ڪري مالڪ جي ڀڳتي ۾ رنگجي ويندا، مالڪ جي پريم ۽ پيار جي رنگ ۾ رنگجي ويندا تڏهن وڃي سک جو ساهه کڻندا. پوءِ پتو لڳندو ته شانتي ڪهڙي چيز آهي. پوءِ اسين هميشه لاءِ سک ۽ شانتي پراپت ڪري سگهنداسين. انهيءَ ڪري گرو صاحب جن سمجهائين ٿا:

نانڪ دکيا سڀ سنسار - سو سکيا جو نام آڌار.

دنيا جا سڀ جيو پنهنجي پنهنجي جڳهه تي ڏکن ۽ مصيبتن سان ڀريا پيا آهن. ڪنهن کان به پڇو ته سو اسان جو صرف ٻاهريون پڙدو آهي پر اندران سڀ پڪل ڦوڙي وانگر رڳو پُڄ سان ڀريا پيا آهن.

ٿي ملندو، نام جي ڪمائيءَ سان ٿي ملندو. اهو ٿي مهاتما اسان کي سمجهائين ٿا. فقط نام جي ڪمائي ڪرڻي آهي، گرو صاحب اڳتي وڌيڪ فرمائين ٿا. "اورڪ ڪري ٻيچار" - ٻئي ڪنهن طرفي سوچڻ جي ضرورت نه آهي، ٻي ڪا به جڳتي من کي قابو ڪرڻ جي ڪانهي. انهيءَ ڪري فضول قيمتي وقت وڃائڻ مان ڪو فائدو ڪونهي. جيڪي ڪجهه به ملڻو آهي اهو سرت - شبد جي ڪمائيءَ مان ملڻو آهي، نام جي ڪمائيءَ مان ملڻو آهي. سوامي جن سمجهائين ٿا:-

سرت شبد ڪمائي ڪرنا، سب جتن دور اب ڌرنا.

(سار وچن، ١٦١)

فقط سرت شبد جو اڀياس ڪرڻو آهي، نام جي ڪمائي ڪرڻي آهي، باقي سڀني طرفن کان پنهنجي خيال کي ڪڍي ڇڏڻو آهي. ائين نه، ته گنگا تي ويو گنگارام ٿي ويو، جمنا تي ويو جمنارام ٿي ويو. ڇو ته هر هنڌ ڀٽڪڻ مان ڪجهه نه ملندو.

انڪري چت کي ايڪاگر ڪري پنهنجي ديهه ۾ سرير ۾ اندر وڃي ان شبد جي کوج Research ڪرڻي آهي، ان نام جي کوج ڪرڻي آهي.

سبد سرت سکه اوپجي پرڀ راتهٔ سکه سار.

جنهنڪي ٻاڻ مٿي رام نام ڇڏي ياد ڪيو آهي، انڪي ٻاڻ "سرت شبد" ڇڏي ڪري ياد ڪن ٿا. ٻاڻ فرمائين ٿا ته جيستائين خيال اکين کان هيٺ آهي ليستائين توهين ڪڏهن به سک پراپت ڪري نه سگهندا، ڇو ته اسين جن شين ۾ سک ڳولهيون ٿا، اهي سڀ شيون ناسونت يا ٿوري وقت لاءِ ٿي سگهن ٿيون. انهن جو سک ۽ آرام به ناسونت يا ٿوري وقت لاءِ آهي. ڇمز اڇي ٿي، سنٿي لڳي ٿي، وڃي ٿي، اسين دک محسوس ڪندا آهيون. جن پدارٿن جي اچڻ سان اسين خوشيون منائيندا آهيون، انهن جي وڃڻ تي اسان جو رونڙ پٽڻ شروع ٿيندو آهي. شادي ٿيندي آهي من ۾ ڪيترا

جڏهن آتما روپي استري پرماتما روپي پتيءَ جي چرڻن ۾ پهچي ويندي، اها سدائين لاءِ سهاڳڻ ٿي پوندي. پوءِ هوءَ ڪڏهن به جنم مرڻ جي دکن ۾ نه ايندي ۽ نه مصيبتن ۾ ڦاسندي. سو پاڻ سمجهائين ٿا ته پنهنجي من کي اکين جي پٺيان اڪاگر ڪري ان شبد سان جوڙيو، نام سان جوڙيو. جيئن جيئن شبد جو اڀياس ڪندا، نام جي ڪمائي ڪندا، تيئن تيئن سک ۽ شانتي پراپت ٿيندي.

جِءُ ڀاوي تِءُ راکُ تو، مَءِ هرنام آڌار.

هاڻي گرو نانڪ صاحب اسان جي طرفان ان پرماتما جي اڳيان اوداس ڪن ٿا، پرارٿنا ڪن ٿا، اي پرماتما! جيئن به توکي مناسب لڳي تيئن رک، جيئن تنهنجي مرضي هجي انهيءَ حالت ۾ رک. اسان کي ته فقط تنهنجي نام جو آڌار آهي، اسان کي ته تنهنجي نام جو سهارو آهي. سندن سمجهاڻ جو مطلب آهي ته شبد ۽ نام جي ڪمائيءَ لاءِ اسان کي گهرجي ته پرماتما جنهن به حالت ۾ رکي ان ۾ رهندي اسين شبد جي ڪمائي ڪريون، نام جي ڪمائي ڪريون. مطلب ته مالڪ جي ڀاڻي ۾ رهڻو آهي. حڪم ۾ رهڻ، ڀاڻي ۾ رهڻ جو مطلب پنهنجي پرالبڌ ڪرمن جو حساب خوشي خوشيءَ سان پورو ڪرڻو آهي. پاڻ فرمائين ٿا:-

جي راج ڪرائي ته تيري اُپما،
جي ڀيک منگاوهه ته ڪي گهٽ جائي.

(آد گرنٿ، ص ٥٢٥)

هي پرماتما! جيڪڏهن تون مونکي دنيا جو راج ڀاڳ ٿو ڏيندين ته به مون کي تنهنجي مهما ڳائڻي آهي، تنهنجي ئي نام جي آراڌنا ڪرڻي آهي. جيڪڏهن مونکي در در جون ٺوڪرون کائڻيون پون ته پوءِ به دادار جو دروازو ڪونه ڇڏڻو آهي، مونکي ته وري به تنهنجي در جو سهارو آهي. جهڙي طرح سمنڊ ري ڪانو کي ان جهاز کان سواءِ وڃڻ جو ڪوئي ٺڪاڻو نه ملندو، هو چاهي ڪيترو ئي اڏاريون ماري ڏسي، آخر اُن کي انهيءَ

اصلي سک ۽ شانتي نہ انھن کي آھي، جي دنيا جو موھہ ۽ پيار تياڳي مالڪ جي ڀڳتي، مالڪ جي پيار ۾ لڳا پيا آھن. اھي سک لاءِ دنيا جو آسرو نہ، پر مالڪ جو آسرو وٺي رھيا آھن. انڪري گرو صاحب جن فرمائين ٿا تہ جيستائين تنھنجو من اکين کان ھيٺ آھي، اھو ڪڏھن بہ سک ۽ شانتي پائي نہ سگھندو. جيڪڏھن سک ۽ شانتي پراپت ڪرڻي آھي تہ من کي اکين جي پويان ايڪاگر ڪري شبد سان جوڙيو، ان نام سان جوڙيو. جيئن جيئن اسين پنھن جي گھر جي نزديڪ ھلندا ويندا سين، تيئن تيئن سک ۽ شانتي پراپت ڪندا ويندا سين. پاڻ فرمائين ٿا :-

جنھين گھر جاڻا آپڻا سي سکيئي پائي:

(آد گرنٿ، ص ۴۲۵)

جيڪي ھميشہ جي لاءِ پنھنجي گھر پھچي ويا، اھي ھميشہ جي لاءِ سک ۽ شانتي پراپت ڪن ٿا. اسان جو گھر ڪھڙو آھي؟ سچ کنڊ آھي، جتي پرماتما رھندو آھي، پرميشور رھندو آھي. جيستائين اسين پنھن جي گھر واپس نہ پھچنداسين تيستائين اسين سک پراپت نہ ڪري سگھنداسين. جنھن کي اسين پنھنجو گھر سمجھي ويٺا آھيون، اھو تہ ڪال جو پڃرو آھي، ڪرائي جو مڪان آھي، پرائو مڪان آھي؛ ڪنھن کي ۴۰-۵۰ سالن جي لاءِ مليو آھي، ڪنھن کي ۸۰-۹۰ سالن لاءِ مليو آھي. جيترا جيترا سواس پرماتما اسان کي بخشيا آھن، پورا ٿيڻ کان پوءِ ھن پڃري کي، ھن گھر کي ھتي ئي ڇڏڻو آھي. اھو ڪڏھن بہ ڪنھن سان گڏ نہ ويندو آھي. اصلي گھر اھو آھي جتي پرماتما رھندو آھي. اھو سچ کنڊ آھي. اُتي پھچي اسين ھميشہ لاءِ سک ۽ شانتي پراپت ڪري سگھنداسين. نون پاتشاھي لکن ٿا:

پر سچي تي سدا سھاڳڻ:

(آد گرنٿ، ص ۷۵۴)

اسان جي آتما استري آھي، اھو پرماتما اُن جو پتي آھي.

ڪن ٿا ته مالڪ جي ڀڳتي فقط مالڪ جي مڃڻ لاءِ ٿي ڪرڻي آهي ۽ مالڪ جي ڀاڻي ۾ رهي ڪرڻي آهي، مالڪ جي حڪم ۾ رهي ڪرڻي آهي.

من ري ساچي خصم رجاءِ.

هميشه ڀاڻ اسان جي من کي سمجهائين ٿا، هي من! هميشه سچي مالڪ جي رضا ۾ رهڻ جي ڪوشش ڪر، ان جي حڪم ۽ ڀاڻي ۾ رهڻ جي ڪوشش ڪر. ڇاڪاڻ ته اسان کي پتو ئي ڪونهي ته ڪهڙي ڳالهه اسان جي ڀلائيءَ لاءِ آهي، ڪهڙي ڳالهه اسان جي فائدي لاءِ آهي. اسين ڪيترا دفعا سنساري ڳالهين لاءِ پرماتما جي اڳيان پرارٿنا ڪندا آهيون، ڏهه ڏهه، پندرهن پندرهن سال وقتي ڪرڻ ۾ لڳائي ڇڏيندا آهيون ته اسانجون ڪامنائون ۽ ترشنائون پوريون ٿين. جڏهن پرماتما پوريون ڪري ٿو ته وري پندرهن پندرهن سال، ويهه ويهه سال هٿ جوڙڻا پوندا آهن ته هن کان اسانجو ڇوٽڪارو ڪرايو. اسانکي پتو ئي ڪونهي ته ڪهڙي چيز اسان جي فائدي جي لاءِ آهي ۽ ڪهڙي چيز نقصان جي لاءِ آهي. اسين اهترو بيسمجهه آهيون جو اسان کي پنهنجي ئي نقصان فائدي جو پتو ڪونهي. ان ڪري گرو صاحب جن فرمائين ٿا ته توهين ڇو نه پاڻ کي مالڪ جي حوالي ڪري ٿا ڇڏيو؟ مالڪ کي پورو پتو آهي ته ڪهڙي چيز اسان جي فائدي جي لاءِ آهي ۽ ڪهڙي چيز اسان جي نقصان لاءِ آهي.

توهين ڏسو، ٻار بيمار ٿي پوندو آهي ۽ ماتا پتا کان ضد ڪري مٺائي گهرندو آهي ته ماتا پتا ٻار جي روئڻ پٽڻ جو ڪڏهن خيال نه ڪندا آهن. ماتا پتا کي ٻار سان اهترو پيار آهي جو هو اهو سهي نه سگهندا آهن ته ٻار وڌيڪ دک ۽ مصيبت سهي يا ٻار بخار ۾ تڙڦندو رهي. اهي هنکي ڪڙي ڪونين ڏيندا آهن، هنجي منهن ۾ ڪڏهن به لڏون نه وجهندا. اهڙيءَ طرح جي اسين گرمکن وٽ دنيا جون آشائون ۽ ترشنائون کڻي ويندا به آهيون ۽ جيڪڏهن

جهاز تي اچي وهٽو پوندو آهي. اهڙي طرح اسان جي آتما کي
به ان پرماتما کان سواءِ ٻيو ڪهڙو ٽڪاڻو ٿي سگهي ٿو؟ گرو
صاحب فرمائين ٿا، اهو مالڪ ڏکي رکي، سکي رکي، جنهن به
حالت ۾ اُهو مالڪ رکي، ان حالت ۾ رهندي شبد جي ڪمائي
ڪرڻي آهي، نام جي ڪمائي ڪرڻي آهي ۽ مالڪ جي ڀڳتي
ان مالڪ سان ملڻ جي لاءِ ڪرڻي آهي، پٽن ڌيئن جي سک لاءِ نه
ڪرڻي آهي يا مقدمن کٽڻ لاءِ نه ڪرڻي آهي، ڌن دولت ڪٺي
ڪرڻ لاءِ نه ڪرڻي آهي. اسان کي مالڪ جي ڀڳتي فقط مالڪ
سان ملڻ لاءِ ڪرڻي آهي. جيستائين اسين مالڪ کان مالڪ نه
گهرنداسين، اسين پنهنجي ڀڳتيءَ ۾ ڪڏهن به سڦل نه ٿي
سگهنداسين. مون ڪيترا دفعا مثال ڏنو آهي ته اسين پنهنجن ننڍن
ٻارن کي نوڪرن سان گڏ راند ڪرائڻ لاءِ ٻاهر موڪليندا آهيون.
جيڪڏهن ٻار روئڻ شروع ڪندو آهي ته نوڪر هن جي دل بهلائڻ
جي هر پرڪار جي ڪوشش ڪندو آهي. ڪڏهن هن کي مٺائي
ڏيندو آهي، ڪڏهن هن کي رانديڪن سان راند ڪرائيندو آهي،
ڪڏهن ان کي سٺيون سٺيون آکاڻيون ٻڌائيندو آهي. جيستائين
ٻار جي دل وندريل هوندي آهي، ماتا پتا اسچنت ٿي گهر جو
ڪم ڪار ڪندا رهندا آهن. جيڪڏهن ٻار هر طرف کان خيال
هٽائي فقط ماتا پتا لاءِ روئڻ شروع ڪندو آهي، ته توهين ڏسندا
ته ماتا پتا کان به سٺو نه ويندو آهي، ڊوڙي وڃي ٻار کي ڳلي سان
لڳائيندا آهن. جيستائين اسين ان پرماتما جي رچنا جي موهه ۽
پيار ۾ ڦاٿا پيا آهيون، جيستائين انهيءَ سان ڪيڏڻ ۾ لڳا پيا آهيون،
تيستائين اسين ان رچنا جو ئي حصو بڻجي ويا آهيون. جڏهن
وقت هن رچنا مان خيال ڪڍي رچنا ڪرڻ واري جي ڀڳتي ۽
موهه ۽ پيار ۾ لڳي وڃون ٿا، ته پوءِ پرماتما کان به برداشت نٿو
ٿئي، هو به اسان تي دَيا مهر ۽ بخشش ڪري اسان کي پاڻ سان
ملائي ڇڏيندو آهي. سو گرو نانڪ صاحب جن اسان کي اُپديش

ڪاڻو نہ ڏيندو؟' ڇا هو انسان کي پيدا ڪري پالي وڏو آهي؟
اُنهن مالڪ لي ڀروسو نہ ٿا رکون، وشواس نہ ٿا رکون. انهن
پنهنجي هوڇي ۽ پنهنجي اهنڪار ۾ نہ راس ڏينهن ڦاٿا پيا آهيون.
سو گرو نانڪ صاحب جن سمجهائين ٿا تہ پنهنجو پاڻ کي پرماتما
جي حوالي ڪري ڇڏڻو آهي، پرميشور جي سپرد ڪري ڇڏڻو
آهي، هنجي ڀاڻي ۾ رهڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي.

جن تن من ساج سيگار ڏا تس سيتي لو لاءِ (رهاءُ)

گرو صاحب جن سمجهائين ٿا تہ ڪهڙي سچي مالڪ جي رضا
۾ رهڻو آهي؟ فرمائين ٿا، پرماتما انسان کي هن دنيا ۾ سڀڪجهہ
بخشيو آهي - استري بخشي آهي، ٻار بخشيا آهن، متر دوست بخشيا
آهن، انسان جي کاڌڻ ۽ پيئڻ لاءِ اناج ڪيچ بخشيو آهي ۽ هن
دنيا ۾ لوهان کي آدرستڪار بہ ڏنو آهي ۽ سڀ کان اوچي چيز
منش ديهہ ڏني آهي. تڏهن بہ تنهنجي اندر مالڪ جو خيال
ڪڏهن پالجي بہ نہٿو اچي. ان کان وڌيڪ افسوس جي ڳالهہ ٻي
ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ جنهن پرماتما منش جو جامو بخشيو آهي،
ان کي ڪڏهن بہ سپني ۾ بہ نہ ڀلائڻ کپي. گرو صاحب فرمائين
ٿا چوراسي لک جونين ڀوڳڻ کان پوءِ پرماتما جي اپار دَيا، مهر،
بخشش ٿئي ٿي تڏهن وڃي انسان کي منش جو جامو ملندو آهي.
پر وءُ پتو نہ آهي وري ڪڏهن منش جو جامو ملي يا نہ ملي ۽
ملي بہ تہ ڪنهن اهڙي جڳهہ وڃي جنم ٿئي جتي وڃي ڀلائي
پڪي بہ پرماتما جي ٻاري ۾ سوچي نہ سگهجي. ان ڪري هن
موقعي جو فائدو وٺي ان مالڪ جي کوج ڪرڻي آهي، ان مالڪ
جي ڀڳتي ڪرڻي آهي.

تن ٻسنتر هوميئي اِڪ رتي تول ڪناءِ،
تن من سمڌا جي ڪري آن دن آگن جلاءِ.

گرو صاحب جن پهريان پنهنجن سٽن ۾ سنت مت کي تمام چڱي
طرح کولي ورنن ڪيو آهي ۽ پنهنجي فلاسافي سمجهائي آهي تہ

اهي اسان لاءِ لاڀدائڪ نه هوندا هجن ته هو ڪڏهن به پوريون نه ڪندا، ڇاڪاڻ ته هو اسان کي دنيا جي موهه ۽ پيار ۾ ڦاسائڻ ٿا چاهين، اهي ته اسان کي اها چيز ڏيندا جنهن کي پراپت ڪري دنيا مان اسان جو موهه ۽ پيار نڪري وڃي ۽ مالڪ جي ڀڳتيءَ سان موهه ۽ پيار پيدا ٿي وڃي. ان ڪري گرو نانڪ صاحب جن اسان کي اپديش ڪن ٿا ته هميشه مالڪ جي حڪم ۾ رهڻ گهرجي مالڪ جي موج ۾ رهڻ گهرجي. توهين ڏسو، هي آشائون ۽ ترشنائون ڪير پيدا ڪندو آهي؟ اسان جو من پيدا ڪندو آهي ۽ اهي پوريون ڪنهن کان ڪرائڻ چاهيندا آهيون؟ پرماتما کان پوريون ڪرائڻ چاهيندا آهيون. اسين من کي سمجهائڻ جي ڪڏهن به ڪوشش نه ڪندا آهيون ته تون مالڪ جي حڪم ۾ رهڻ جي ڪوشش ڪر بلڪ مالڪ کي سمجهائڻ ۾ لڳا پيا آهيون ته تون اسان جي مرضيءَ انوسار هلڻ جي ڪوشش ڪر، اسان جي من جي حڪم ۾ رهڻ جي ڪوشش ڪر. توهين ويچار ڪريو ته اسين سيوڪ من جا آهيون يا پرماتما جا؟ انهيءَ ڪري گرو نانڪ جن فرمائين ٿا:- "من ري ساچي خصم رجاءِ" هي من! تون هميشه سچي مالڪ جي حڪم ۾ رهه، هميشه سچي پرماتما جي حڪم ۾ رهه. ويچار ڪري ڏسو، جيڪڏهن اسان جو نوڪر اسان جي حڪم ۾ رهي ٿو ۽ چپ چاپ پنهنجو ڪم ڪري ٿو، اسان جو من ڪيترو خوش ٿيندو آهي ۽ اسين موقعو ڳوليندا وتندا آهيون ته هن کي خوش ٿي ڪا چيز ڏيون. اهڙي طرح جيڪڏهن اسين مالڪ جي حڪم اندر رهي مالڪ جي ڀڳتي ڪندا آهيون، مالڪ کي اسان جي ضرورتن جو پتو آهي، ته ڪهڙي چيز اسان جي ڀلي لاءِ آهي، ڪهڙي چيز اسان جي لاءِ نقصانڪار آهي. هو به هميشه اسان تي دَيا، مهر، بخشش ڪندو آهي.

عيسيٰ مسيح بائيبل ۾ چيو آهي، جيڪڏهن پرماتما جانورن کي کاڌو ڏئي سگهي ٿو، ڇا اهو پنهنجي پياري پٽ (انسان) کي

والاوڻ پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ ساڌن هو. پر جهڪا ساڌنا هو اُني وٺهي ڪندا هئا، اُها نه شبد جي ڪمائي هئي، نام جي ڪمائي هئي. مالڪ جي ڀڳتي ڪرڻ جي ان طريقي کي نه اسان بلڪل ڇڏي ويا آهيون، جيڪي هو انهن غفلتن جي صاف ڪرڻ لاءِ هون سا پيا ساڌن ڪندا هئا، انهن کي ٿي مڪتيءَ جو ساڌن سمجهي ويٺا آهيون. او هيمن ڏسو، اڄ ڪلهه هوءَ ن جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ پڪن مڪانن ۾ رهندا آهيون، پڪا اڱڻ هوندا آهن، چارئي جا دروازا آهن، نه مينهن اندر اچن ٿا، نه مڪيون اندر اچن ٿيون، پڪا هلن ٿا هوا صاف سٺي رهندي آهي. سو اڄ اسان کي هون ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ پر اسين اُن لڪير جا فقير ٿيڇي پيا آهيون ۽ اهڙيءَ طرح رسمن ۽ رواجن جا قيدي ٿيڇي پيا آهيون. گرو نانڪ صاحب جن اُپديش ڪري رهيا آهن ته جيڪڏهن لوهيءَ ڪانئين جي هون بدران پنهنجي شرير جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري، هوم ڪري باهه ۾ جلائيندا رهو ته به ان طريقي سان، من وس نه اچي سگهندو، آتما من جي پنجي مان آزاد نه ٿي سگهندي، نرمل ۽ پوتر نه ٿي سگهندي.

هر نامي تل نه پڄئي
جي لک ڪوٽي ڪرم ڪماءِ. (٢)

پاڻ سمجهائين ٿا، فقط هڪ هون ٿي نه، لکين ڪروڙين پُن ڪارن جا اهڙا ٿي ڪرم ڪانڊ ڇو نه ڪريون، ڪابه چيز نام ڀڳتيءَ جي برابري نه ڪري سگهندي، شبد ڀڳتيءَ جي برابري نه ڪري سگهندي، ڇو ته نام جي ڪمائيءَ دواران آتما ۽ من جي ڳنڍ کلندي آهي، مالڪ جو پتو لڳندو آهي، مالڪ سان ملڻ جو شوق ۽ پيار پيدا ٿيندو آهي. سندن سمجهاڻ جو مطلب آهي ته جيڪي ڪجهه اسان کي ملندو نام جي ڪمائيءَ مان ملندو، باقي ٻين ڪرم ڪانڊ ڪرڻ سان ڪجهه نه ملندو ۽ هانيءَ جي پير ۾ سڀ جو

ڪهڙي طرح مالڪ جي ڀڳتي ڪرڻي آهي. هاڻي ٻارڻ هٿ ڪرمن جو، ڪريا ڪرم، جپ تپ ۽ دان پنج وغيره جو ذڪر ڪن ٿا. عام طرح دنيا جا جيو من جي وس ٿي ٻاهرمکي ٿي ويندا آهن ۽ من کي وس ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويندا آهن. ٻارڻ سمجهائين ٿا ته اسين عام طور من کي قابو ڪرڻ لاءِ ڇا ڪندا آهيون؟ ڪيترن قسمن جا هوَن وغيره ڪندا آهيون، ۽ هوَن ۾ ڪيترن قسمن جا تيل گيهه وغيره وجهندا آهيون. گرو نانڪ صاحب جن سمجهائين ٿا ته انهن ڪاٺين کي جلائڻ سان، گيهه جي برباد ڪرڻ سان، ڇا تهنجو من قابو ٿي ويندو، نرمل ٿي ويندو، پوتر ٿي ويندو؟ ٻارڻ سمجهائين ٿا، ڪاٺين جلائڻ سان، هوَن ۾ سامگري وجهڻ سان من ڪڏهن به وس نه اچي سگهندو، بلڪ اسان جي من ۾ اهنڪار اچي ويندو ته ڏسو ڪيترا اسان هوَن ڪيا آهن، ڪيترا ڪيترا جپ ڪيا آهن. ٻارڻ سمجهائين ٿا ته جيڪڏهن توهان ڪاٺين جي بدران پنهنجي ديهه جا ننڍا ننڍا ٽڪرا ڪري رات ڏينهن باهه ۾ جلائيندا رهو، ته به توهان جو من وس اچي نه سگهندو، ته به توهان جو من نرمل ۽ پوتر نه ٿي سگهندو. هيءَ ڳالهه سمجهڻ جي آهي ته هوَن وغيره ڪيئن شروع ٿيا. انهن ڏينهن ۾ جڏهن رشي مني جهنگلن پهاڙن ۾ وڃي پرماتما جي ڀڳتي ڪندا هئا. توهان کي پتو آهي ته گهاٽن جهنگلن ۾ جل وايو شد نه رهندي هئي. اتي جيڪي تمام گهرايون غفائون هونديون هيون انهن ۾ صاف هوا نه هوندي هئي، انهن ۾ ڪيڙا ماڪوڙا به هوندا هئا، نانگ وڇون به هوندا هئا. رشي مني اتي ويندا هئا ۽ انهن جڳهين کي صاف ڪري رهندا هئا ۽ اتي جي هوا کي صاف ڪرڻ لاءِ، مکيون، مڇر وغيره کي دور ڪرڻ لاءِ، اتي هوَن ۾ ڪاٺيون جلائيندا هئا، ڪيتريون خوشبودار شيون به وجهندا هئا ته انهن جڳهين جي، انهن غفائن ۽ جهنگلن جي هوا شد ٿي وڃي. اهو ته فقط ان جڳهه کي پرماتما جي ڀڳتيءَ لاءِ ٺيڪ

انجو ڪهڙو نتيجو نڪرندو هو؟ سيٺ شاهوڪارن، راجا مهاراجائن
جا پراڻا ماڻهو ويندا هئا ۽ پنهنجا سڀ مال اسباب ڇڏي ويندا هئا.
سو گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا، جيڪڏهن توهين ڪاشيءَ
وڃي پاڻ کي ڪٽرائيءَ سان چيرائيندا تڏهن به توهان جو من نرمل
نه ٿي سگهندو، تڏهن به توهانجو من صاف ۽ پوتر نه ٿي سگهندو.
گرو نانڪ صاحب جن انهن ساڌن جو ذڪر انڪري ڪيو آهي
ته پراڻي زماني ۾ من کي وس ڪرڻ لاءِ انهن سڀني ڳالهين تي
گهڻو زور ڏنو ويندو هو. ماڻهن جو گهڻو جهڪاءُ ڪرم ڪانڊ جي
طرف هوندو هو، هٺ ڪرم ۽ دان پن جي طرف هو. سو انهن ماڻهن
کي سمجهائڻ لاءِ گرو صاحب وستار سان بيان ڪري رهيا آهن. پاڻ
سمجهائين ٿا ته، ان ريت جيڪڏهن توهين هماليه پربت ۾ برف
جي غفائن ۾ ويهي سڄي عمر گذاريو، هڏن جو پاڻي به ٿي وڃو،
پنهنجا پراڻ به انهن غفائن ۾ گنوايو، ته به توهان کي ڇا ملندو؟
تڏهن به توهان جي من مان اهنڪار نه نڪري سگهندو، تڏهن به
توهان جو من نرمل نه ٿي سگهندو، پوتر ٿي نه سگهندو. توهان
جي من ۾ اهوئي خيال ايندو. ڏسو، مان ڪيترو نه تياڳي آهيان،
پٽن ڌيئن کي ڇڏي آيو آهيان، زال کي ٺوڪر ماري آيو آهيان؛
دنيا جي ڌن دولت، مان وڏائي سڀ ڪجهه ڇڏي، جهنگل ۾ ويٺو
آهيان. جنهن من ۾ نمرتا ۽ ديتا اچڻ کپندي هئي، مالڪ جي
ڀڳتي اچڻ کپندي هئي ان من ۾ وڌيڪ ايمان اچي وڃي ٿو. سو
ان ڪري گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا- 'ڀي من مهِ روگ
نه جاءِ' جيڪڏهن ڪاشيءَ وڃي ڪروت به وٺندا، هماليه جي
پهاڙن ۾ وڃي پنهنجو پاڻ کي ڳاري به ڇڏيندا ته به توهان جي
من جي ميل نڪري نه سگهندي. شرير کي ڪشٽ ڏيڻ سان من
ڪڏهن به نرمل نه ٿي سگهندو، صاف ۽ پوتر نه ٿي سگهندو.

هر نامي تُل نه پُڄئي سڀ ڏٺي ٺوڪ وڄاءِ. (٣)

گرو صاحب جن سمجهائين ٿا ته مان ٺوڪي ڪا بدل ڳالهه نه ٿو

ڀڄن، جپ تپ، پوڄا پاٺ، دان پُن جو سڀ ڦل شبد يا نام جي ڪمائيءَ اندر اچي وڃي ٿو. جڏهن اسان جي زبان تي ڏينهن رات ان پرماتما جو نالو هوندو آهي، ويچار ڪريو، انڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو جپ تي سگهي ٿو؟ جڏهن اسين پنهنجو پاڻ کي اُن پرماتما جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهيون، مالڪ جي حڪم ۽ مالڪ جي ياد ۾ رهندا آهيون ته ان کان وڌو تپ ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ جڏهن پيار ۾ اچي اسين مهاتما جي سروپ جو ڏينهن رات ڌيان ڪندا ڦرندا آهيون انڪان وڌيڪ ٻي ڪهڙي پوڄا ٿي سگهي ٿي؟ جڏهن اَکين جي پٺيان خيال کي ايڪاگر ڪري اسين اندر انهد شبد ٻڌڻ ۾ لڳا پيا هوندا آهيون، ان کان وڌو ٻيو پاٺ ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ جڏهن ان امرت کي پِي من دنيا کان اُداس ۽ اُچاٽ ٿي ويندو آهي، انڪان وڌيڪ ويراڳ ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ نه پنهنجي ڌرم کي ڇڏڻ جي ضرورت پوندي آهي، نه قوم بدلائڻي آهي، نه مذهب بدلڻو آهي. فقط پنهنجي خيال کي اَکين جي پٺيان آڻي ايڪاگر ڪرڻو آهي، شبد سان جوڙڻو آهي. انڪري گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا هون وغيره ڪرڻ بلڪل وِرٿ آهن. جو ڪجهه لوڪ هانڪي ملڻو آهي شبد جي ڪمائيءَ مان ملڻو آهي، نام جي ڪمائيءَ مان ملڻو آهي.

ارڌ سرير ڪٽائيءِ سر ڪروت ڌراءِ،
تن هئمچل گاليءِ ٻي من تي روگ نه جاءِ.

هينئر پاڻ هٺ ڪرمن جو ذڪر ڪن ٿا ته شايد اسان جي من ۾ خيال اچي ته هٺ ڪرمن جي وسيلي اسين من کي نرمل ۽ پوتر ڪري سگهنداسين. ڪاشيءَ ۾ هڪ پراچين آرو آهي جيڪو اڄ به الي نمائش لاءِ رکيل آهي. ماڻهن جو ويچار هو ته جيڪو به خيال من ۾ رکي، منوڪامنا ڪٽي، آشا ۽ ترشنا پوري ڪرڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي اُن آري هيٺان چيرائيندو ته مرڻ کانپوءِ ان جي اُها اِڇا پوري ٿي ويندي، اها منوڪامنا پوري ٿي ويندي.

ڪجھ مليو آهي لوڪي شبد جي ڪمائيءَ مان مليو آهي، نام جي ڪمائيءَ مان ئي مليو آهي. ڪبير صاحب جن به فرمائين ٿا:-

ٻهه ڏن هيءُ ڪاغذ ڪي پڙيا، بوند پڙت گل جائوگي،
ڪهت ڪبير سنو ڀائي سادو، اڪ نام بنا پڇتائوگي.

جهڙي طرح ڪاغذ جي پڙيءَ تي پاڻي وجهبو ته اهو ڪاغذ ڳري ويندو، اهڙيءَ طرح جڏهن ڏاهه ۽ شرابر جو اسين اهنڪار ڪندا آهيون، جڏهن جي اندر وڌي انسان کي ٽٽا سمجهون، پاڻ سمجهائين ٿا ته سو شرابر به ڳري ويندو. ڪنهنجو ڀاهه جي سپرد ڪرڻ سان سڙي ويندو، ڪنهن جو مٽيءَ جي سپرد ڪرڻ (دفنائڻ) سان ڳري ويندو. جيڪڏهن اسين ڏاهه ۾ واڌي شبد جي ڪمائي نه ڪنداسين، نام جي ڪمائي نه ڪنداسين ته، ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته آخر مرڻ جي وقت پڇتائڻو پوندو، ڇو ته انسان کي جيڪي ڪجھ ملندو نام جي ڪمائيءَ سان ئي ملندو. پاڻ سمجهائين ٿا:-

لُوٽ سڪي تو لُوٽ لي، رام نام نت لُوٽ؛
انت ڪال پڇتائوگي، جب تن جاويگا ڇُوٽ.

ته جيڪا لٽڻ لائق چيز آهي، کٽڻ ڪرڻ لائق چيز آهي، اها شبد جي ڪمائي آهي، نام جي ڪمائي آهي؛ نه ته اسين موُت وقت اجايو هٿ مهٽيندي ئي رهجي وينداسين ته ناحق قيمتي وقت کي وڃت وڃايوسين. انڪري گرو نانڪ صاحب جن بار بار اسانجي من کي ان نقطي يا Point تي آڻين ٿا ته جيڪي ڪجھ به لوڪي مليو آهي فقط شبد ۽ نام جي ڪمائيءَ سان ئي ملندو.

ڪنچن ڪي ڪوٽ دت ڪري بهه هيور گهور دان،
پُومي دان گئوئا گهڻي پي انتر گرب گمان.

هاڻي ڪرم ڪانڊ جو، هٿ ڪرمن جو ذڪر ڪري دان پڃ جي طرف ڌيان ڇڪائين ٿا. مثال اسان جي من ۾ اهو خيال هوندو ته روپين جي زور تي مڪتي پراپت ڪنداسين، دان پڃ جي زور

چوان، مان توکي وڃائي توکي سمجهائي رهيو آهيان، پنهنجو انهؤ ورنن ڪري رهيو آهيان. اهو ئي دادو صاحب جن فرمائين ٿا.

'دادو دئيا ديدا، سب ڪوئي ڪهت شنيدا'

ماڻهو ٻدل ڳالهيون چوندا آهن، مان اهو تجربو ورنن ڪري رهيو آهيان جو مون اکين سان ڏٺو آهي. ان ڪري گرو صاحب جن فرمائين ٿا ته منهنجو تجربو آهي ۽ مان پنهنجو تجربو توکي سمجهايان ٿو ته جيڪا چيز نام ڀڳتيءَ سان ملي سگهي ٿي، شبد جي ڪمائيءَ دواران ملي سگهي ٿي، اها جپ تپ سان نه ملي سگهندي، پوڄا پاٺ سان نه ملي سگهندي، دان پن سان نه ملي سگهندي. پر گرو نانڪ صاحب جن ته انتري قدر نام جي مهما لکي آهي:-

بن ناوئه هور پوُج نه هووي، ڀرم ڀلي لوڪائي.

(آد گرنٿ، ص ٩١٠)

يعني شبد ۽ نام جي ڪمائيءَ کان سواءِ پرماتما جي ڪابه ٻي ڀڳتي ۽ پوڄا ئي ڪانهي، دنيا جا جيؤ انهن ئي ڀرمن ۾ ڦاسي ڀليا پيا آهن. پاڻ سمجهائين ٿا:-

نام وسار چلهه آن مارگه انت ڪال پڇتاهي.

(آد گرنٿ، ص ١١٥٣)

ڀائي! جيڪڏهن توهان نام جي ڪمائي ڪرڻ جو طريقو ڇڏي ڪنهن ٻئي رستي تي هلڻ جي ڪوشش ڪندا ته موت وقت توکي پڇتائڻو پوندو ته فضول پنهنجي قيمتي وقت. کي اجاين ڳالهين ۾ گنوائي ڇڏيم. ڇو پڇتائڻو پوندو آهي؟ پاڻ اپديش ڪندا:-

وڻ ناوئه در ٺوئي ناهي تاجم ڪري خواري.

(آد گرنٿ، ص ٧٥٤)

ڇاڪاڻ ته شبد ۽ نام جي ڪمائيءَ کان سواءِ توکي مالڪ جي درگاهه ۾ وڃڻ جي اجازت نه ملندي، جم دوتن جي هٿان خراب ٿيڻو پوندو آهي. جم مرڻ جي ڏکن ۾ وڃڻو پوندو آهي. جو

ٻه دان ڪندا ن، هاٿي گهوڙا، زمين جو به دان ڪندا ن ته به پرماتما نه ملي سگهندو، نه ئي انهنجو من نرمل ۽ پوتر نه ٿي سگهندو.

رام نام من ٻيٺيا گر ڏيٺا سچ دان (۴)

سچ کنڊ ورنن ڪري پاڻ فرمائين ٿا ته جيڪڏهن تو هانکي من وس ڪرڻو آهي ته هڪ ئي اپاءُ آهي. 'رام نام من ٻيٺيا' ان رام نام سان خيال کي جوڙيو. جنهن جنهن شبد ۽ نام جي لذت ورتي ويندي، دنيا مان موهه ۽ پيار انهن جو پاڻ ئي ڪري ڏنو ويندو. اهو ئي سوامي جي مهاراج جن به فرمائين ٿا:-

جهون ني سار من ڊالا، أنهين ڪو سؤرما ڪهنا.
پڙا پيري نهه من گهٽ ۾، اسي ڪا جيتنا ڪٺنا.
پڙو تم اس هي کي پيڇي، اور سب هي جتن تجنا.
گرو کي پرتيت کر پهلي، اور گهٽ شبد کو سننا.

(سار وچن، ۱۴۳)

يعني جيڪڏهن تون من کي وس ڪرڻ چاهين ٿو ته گرمکن جي سنگت جي ذريعي پنهنجي اندر شبد کي پڪڙ، اندر شبد سان خيال کي جوڙ. اڳتي سمجهائين ٿا:-

مان دو بات تهه ميري، کرو مت اؤر ڪڇ جتنا.
هار جب جائي من تجهه سي، چڙها دي سرت کو گگنا.

(سار وچن، ۱۴۴)

من کي وس ڪرڻ لاءِ فقط ٻن چيزن جي ضرورت آهي، گرو ڀڳتيءَ جي ۽ نام ڀڳتيءَ جي. جنهن وقت اسان جو من هارائي ٿو، واپس بره ٿو ڪٽي، پنهنجي جڳهه تي پهچي وڃي ٿو، پاڻ فرمائين ٿا- 'چڙها دي سرت کو گگنا.' پوءِ اسانجي آتما واپس وڃي ان پرماتما سان ملي سگهي ٿي. اها نام جي دولت پرماتما هرهڪ جي اندر، هرهڪ جي لاءِ رکي آهي. پر ان رام نام سان خيال ڪڏهن جڙندو آهي؟ فرمائين ٿا- 'گر ڏيٺا سچ دان' جنهن وقت گرمک اسانکي سچ جو دان ڏين ٿا. اهي اسانکي کڙو

ٿي مڪتي پائينداسين. گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا. 'ڪنچن ڪي ڪوٽ' تورو گهڻو پن نه، جيڪڏهن تون سون جو قلعو به ڪنهن کي دان ڪندين، هاٿي گهوڙا به دان ڪندين، زمين به دان ڪندين، تڏهن به تنهنجي من مان اهو اهنڪار ۽ غرور ڪڏهن به وڃي نه سگهندو ته مون ڪيترو پن ڪيو آهي. چڱيءَ طرح ويچار ڪري ڏسو، اسين روزاني طرح به دان ڪندا آهيون ته اخبارن ۾ ڪيترو پرچار ڪرائيندا آهيون، ڪڏهن اسپتال ۾ وڃي ڏسنداسين ته جن دان پن ڪيو آهي تن پنهنجو نالو اتي لڳائي ڇڏيو آهي. ڪنهن گردواري يا مندر ۾ وڃو، پٿرڪي ٢٥-٣٠ رپيا ڏنائين آهي هوندو ته پٿر تي نالو اڪريل هوندو آهي انهيءَ لاءِ ته ٻين ماڻهن کي به پتو لڳي ته مون ڪيترو وڏو دان ڪيو. جڏهن مالڪ اسان تي ڪيل احسان نٿو ٻڌائي، جنهن دنيا ۾ اسان کي ايترو ڪجهه ڏنو آهي پوءِ اسان جيڪڏهن ڪنهن جو ٿورو به لاهو ڪندا آهيون، پنهنجي اندر ڪيترو گهمنڊ ۽ اهنڪار ڪندا آهيون، ڪيتري خوشي محسوس ڪندا آهيون. گرو نانڪ صاحب جن دان پن جي خلاف نه آهن. پر جنهن اُديش ۽ مقصد سان اڄ اسين دان پن ڪريون ٿا پاڻ ان جي نندا ڪن ٿا. دان پن ته پاڻ دنيا جي ڌن دولت مان موهه ڪڍڻ لاءِ ڪرڻ گهرجي ڇو ته اهو موهه ۽ پيار وري اسان کي دنيا جي ٻنڌڻن ۾ نه آڻي. دان پنهنجي مشهوريءَ جي لاءِ ۽ هؤمي جي لاءِ نه ڪرڻو آهي، پنهنجي مان وڏائي لاءِ نه ڪرڻو آهي. سو گرو صاحب فرمائين ٿا ته جيڪڏهن اسين دان پن پنهنجي مان ۽ وڏائيءَ جي لاءِ ڪنداسين ته ان دان پن جو ڪڏهن فائدو نه ٿيندو. عيسيٰ مسيح جن ته ايتري قدر سمجهايو آهي ته ساڄو هٿ دان ڪري ته کابي کي پتو لڳڻ نه کپي، ڇو ته دان ته پنهنجي فائدي لاءِ ڪرڻو آهي، ماڻهن تي ڪو احسان ڪرڻ لاءِ نٿو ڪجي. سو گرو نانڪ صاحب جن سمجهائين ٿا ته جيڪڏهن تون سون جو قلعو به دان ڪندين، ڳائيون مينهون

۽ آهي. هتي ڪٿهن جاتيءَ، ڪٿهن ڌرم، ڪٿهن ديس جو سوال ئي ڪونه ٿو اُٿي. هندو ۽ ٻڌي اندر وڃو، سک عيسائي ٻڌي اندر وڃو، جو ڀي خوش قسمت انسان اکين جي پٺيان خيال ايڪاگر ڪندو، اهو پنهنجي اندر ان جوت جو درشن ڪرڻ شروع ڪندو. پر پاڻ فرمائين ٿا، گرمکن جي دوارا ئي اسين ان جوت کي پنهنجي اندر پرگهٽ ڪري سگهنداسين، ان جو درشن ڪري سگهندا آهيون، ۽ ڇا ڪرڻو آهي؟ پاڻ فرمائين ٿا:-

نءُ دروازي نوي در ڦيڪي رس امرت دسوان چئجي.

(آد گرنٿ، ص ١٣٢٣)

ڀائي! جيڪڏهن هتي اکين جي پٺيان توهان خيال کي ايڪاگر ڪندا ته پنهنجي اندر اَمرت کي پيئڻ شروع ڪندا، پنهنجي اندر ان جوت جو درشن ڪرڻ شروع ڪندا. اهو امرت ڀي هر هڪ جي اندر وسي رهيو آهي، جوت ۽ هر هڪ جي اندر ٻري رهي آهي،- 'گرمت ڪاڻ لئيجئه'- جيستائين گرمک نه ملندو، اسين ان امرت ۽ جوت کي پنهنجي اندر پرگهٽ ڪري نه سگهنداسين. ڪهڙيءَ ريت جوت جو درشن ڪرڻو آهي؟ ڪهڙيءَ ريت امرت کي پيئڻو آهي؟ اها جيڪا جڳتي آهي، طريقو آهي ان جو گرمکن کان پتو پوندو آهي، سنتن مهاتمائن کان پتو پوندو آهي.

من هٺ بڌي ڪيتيئا ڪيتي بيد بيچار،
ڪيتي بنڌن جيءَ کي گرمک موک دوار.

هاڻي گرو نانڪ صاحب اسان جي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي طرف اچن ٿا، اسان جي من ٻڌي طرف اچن ٿا، اسان جي ويدن شاسترن طرف اچن ٿا. شايد ڪنهن جو خيال هجي ته اسان ٻڌيءَ جي ذريعي کوج يا Research ڪري پرماتما سان ملي سگهنداسين، پر گرنٿن پوٿين، ويد شاسترن کي پڙهي پرماتما ڏانهن پهچي ويهنداسين. گرو صاحب اسان کي انهيءَ ڀرم مان ۽ ڪڍن ٿا. پاڻ فرمائين ٿا، پڙهڻ سٺي ڳالهه آهي، ان سان دنيا ۾ رهڻ جي طريقي جي سمجهه

دان ڏيندا آهن؟ اسان جي خيال کي شبد سان جوڙي ڇڏيندا آهن، نام سان جوڙي ڇڏيندا آهن. گرو صاحب انهيءَ کي دان ڇٽي ڪري ورنن ڇو ٿا ڪن؟ ڇو ته گرمک انجي بدلي ۾ اسان کان ڪجهه به نه وٺندا آهن. دان اهو آهي جو اسين ڪنهن کي ڏيندا آهيون ۽ انجي بدران موٽ ۾ ڪجهه به آشا نه رکندا آهيون. سو گرمک اسان کان رپيا پيسا ڪونه وٺندا آهن. اهي اسانکي سمجهائين ٿا ته خود به پنهنجي هٿن سان حق جي ڪمائي ڪرڻي آهي ۽ ساڌ سنگت جي سيوا ڪرڻي آهي. حق جي ڪمائي ڪندي پنهنجي خيال کي شبد سان جوڙڻو آهي. نام سان جوڙڻو آهي. جيڪڏهن اوچي ۾ اوچو دان آهي، اهو شبد جو دان آهي، نام جو دان آهي. انهيءَ ڪري گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا، هيءُ جو شبد سان خيال جوڙڻ جو دان آهي - اهو توکي گرمکن کان ملندو، ساڌن، سنتن، مهاتمائن کان ملندو. اهي گهوني ڪاٻه چيز اسانجي اندر ڪونه وجهندا، هيءَ دولت ته پرماتما اسان جي اندر اسان جي لاءِ رکي آهي. چوٿين پاتشاهي لکن ٿا:-

ڪاسٽ مهه جيسي هي بيسنتر، مٿ سنجم ڪاڍ ڪڍيجيءَ،
رام نام هيءُ جوت سبائي، تت گرمت ڪاڍ لئيجيءَ.

(آد گرنٿ، ١٣٢٣)

يعني ته جهڙي طرح، پاڻي، ڪاٺيءَ ۾ باهه هوندي آهي، پر نه اها باهه اسانکي ڏسڻ ۾ ايندي آهي، نه اسين ان باهه مان ڪو فائدو وٺي سگهندا آهيون. جنهن وقت ڪاٺيءَ کي ڪاٺي گهڻ شروع ڪندا آهيون، جڳتيءَ سان ان ڪاٺيءَ مان باهه پيدا ٿي ويندي آهي. تڏهن اسين انکي ڏسي به سگهندا آهيون ۽ ان مان فائدو به وٺي سگهندا آهيون. اهڙي طرح گرو نانڪ صاحب جن سمجهائين ٿا:- 'رام نام هيءُ جوت سبائي' اها رام نام جي جوت هر هڪ جي اندر ٻري رهي آهي. اها چورن جي اندر به آهي، ٺڳن جي اندر به آهي، ساڌن، سنتن، مهاتمائن جي اندر

ويد شاستر وغيره آهن، اهي اسان جي رهبري ڪن ٿا. اهي اسان کي اشارو ڏين ٿا. اسان ۾ شوق ۽ پيار پيدا ڪن ٿا، اسان کي طريقو ۽ سادن ٻڌائين ٿا، پر اُهي نام جي دولت نٿا ڏئي سگهن. اها دولت نه اسان کي پنهنجي شرير اندر ئي ملندي، پنهنجي ديهه ۽ وجود مان ئي ملندي. مون ڪيترا دفعا مثال ڏنا آهن ته ٽائيم ٽيبل ۾ گاڏين جي سفر ڪرڻ جو ذڪر آهي پر گاڏيون ٽائيم ٽيبل جي اندر نه هونديون. ٽائيم ٽيبل پڙهڻ سان سفر پورو ڪري نه سگهبو، جيڪا سوچنا ٽائيم ٽيبل مان پراپت ٿيندي آهي، ان انوسار اسٽيشن تي پهچي، ٽڪيٽ وٺي ريل ۾ ويهي اسين پنهنجو سفر پورو ڪري سگهنداسين. گرنٿن پوٿين، ويدن شاسترن جي کوج ڪرڻ سان اسان کي مالڪ جي پراپتي ڪرڻ جي طريقي ۽ سادن جو پتو لڳي ويندو، پر جيستائين ان سوچنا کي، ان کوج کي عملي روپ نه ڏينداسين، انهيءَ انوسار ابياس نه ڪنداسين، اسين پنهنجي اندر خيال کي شبد ۽ نام سان جوڙي نه سگهنداسين. جهڙي طرح گرو نانڪ صاحب اسان کي بار بار سمجهائي رهيا آهن، پر جيستائين اسين سندن سکيا تي عمل نه ڪنداسين، تيستائين اسين ان مان فائدو ڪهڙي طرح وٺي سگهنداسين؟ مون کي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اڄ اسان جو وڏو زور پڙهڻ پڙهائڻ تي آهي. نه ڪو خود پڙهندو آهي، نه ڪنهن کي پڙهڻ جي فرصت آهي، نه ويهي ٻڌڻ جي فرصت آهي. ويچارو پنڊت يا ڀائو گهر ۾ ويٺو پڙهندو رهندو آهي ۽ اسان ٻاهر دنيا جا سير، رنگ تماشا ڏسندا آهيون، ۽ من ۾ سمجهندا آهيون ته ڪيترو سارو پن ڪمائي رهيا آهيون. جيڪڏهن اسين خود ويهي ٻڌون، مهاتما جا وچن، مهاتما جي واڻي اسان جي ڪن ۾ پوي، اسان کي پنهنجن غلطين ۽ ڪمزورين جو پتو لڳي، انهن کي دور ڪرڻ جو شوق ۽ پيار پيدا ٿئي، غلطين کي دور ڪرڻ جي جڳتي ۽ سادن جو پتو لڳي ٿو ڏهن ته

اچي ٿي. وديا اتم چيز آهي، پر وديا جي بل سان ڪڏهن به ڪوئي واپس وڃي ان پرماتما سان نه ملي سگهندو. بحث مباحثي ڪرڻ جي عادت پئجي وڃي ٿي، ماڻهن کي ٻيءَ سمجهڻ جي عادت پئجي وڃي ٿي. ٻاڻ فرمائين ٿا ته گرنٿن پوٿين پڙهڻ سان مالڪ سان ملڻ جي طريقي ۽ سادن جو پتو پوندو آهي. انهن جي پڙهڻ جو شوق ۽ پيار پيدا ٿي ويندو آهي، پر جتي وڃي پرماتما جي کوج ڪرڻي آهي اهو ته اسانجو شرير آهي، اسان جي ديهه آهي. هي گرنٿ پوٿيون اسان کي پنهنجي اندر جهاتي پائڻ نٿا ڏين، اسان کي هميشه ٻاهر ۾ الجهائي وڪن ٿا ۽ اسين سمجهون ٿا ته انهن جي پڙهڻ پڙهائڻ سان ئي مڪتي پائي سگهنداسين. ان ڪري گرو صاحب اسان جي خيال کي انهن لفظن مان به ڪڍن ٿا.

پڙهيئه جيتي برس برس، پڙهيئه جيتي ماس؛
پڙهيئي جيتي آرجا، پڙهيئه جيتي ساس؛
نانڪ ليکي اڪ گل، هور هومئه جهکڻا جهاکه.

(آد گرنٿ، ص ٤٦٧)

ته جيڪڏهن سڀو مهنو پڙهندا رهو، سڀو سال پڙهندا رهو. سڄي زندگي پڙهندا رهو، سواس سواس ۾ پڙهندا رهو، فقط هڪ ئي ڳالهه پرماتما جي ليکي ۾ لڳندي آهي. جڏهن اسان جي آتما ان شبد کي پڪڙيندي آهي. نه ته 'جهکڻا جهاکه' يعني چاڻ واري ڳالهه آهي. ٻاڻيءَ کي ڪيترو به ولوڙيو رهو، ڪجهه به نه نڪرندو. گرنٿن پوٿين ۾ نام جي مهما لکيل آهي پر نام ته اسان جي سرير ۽ ديهه جي اندر آهي. جيڪڏهن اسانکي نقشو به ملي وڃي ته فلاڻي آڳاٽي کنڊهر ۾ خزانو پوريل آهي، ته اسين ان نقشي انوسار کوج Research ڪري کنڊهر ۾ کوٽهي خزانو ٻاهر ڪڍنداسين. پر نقشو ملڻ سان ئي اسان کي خزانو نه ملي سگهندو بلڪ جيڪو نقشو مليو آهي ان موجب کوج ڪري کنڊهر مان خزانو ڪڍيو، تڏهن ئي اسين ڌنوان ٿي سگهنداسين. جيترا به گرنٿ

ڪرتا ٻهڃ ٻڌي تهين جهڙا، سڀ لاهوُل گوائندا.
(آد گرنٿ، ص ١٠٧٥)

جهڙڪ ڏهن ڏسو هين سڀئي عمر زمين ۾ اي موسم جو ٻج ٻوڪيندا ۽ ٿوهان جي محنت ڦضول هلي ويندي، ٿوهان جو ٻج اجايو هليو ويندو ۽ ٿوهان جي هٿ پلئه ڪجهه به نه پوندو. جهڙڪي ڪجهه مٺو آهي، اهو شبد جي ڪمائيءَ مان مٺو آهي. گرو نانڪ صاحب جن ڪٿهن جي نندا نٿا ڪن، پر اُهي اسانجي خيال کي هر پرڪار جي ڀرمن ۽ سنڪلپن مان ڪڍڻ چاهين ٿا، انهيءَ لاءِ ته اسانجو من نام کي ڇڏي انهن ڀرمن، وهمن ۽ سنڪلپن جي طرف نه ڊوڙي. ٿوهين ڏسو، سرجن جڏهن آپريشن ڪندو آهي، اهو بيمار جي روئڻ پٽڻ جي پرواهه نه ڪندو آهي، ڇو ته هو بيمار جي بهتري چاهيندو آهي، بيمار کي ٺيڪ ڪرڻ چاهيندو آهي. بيمار چاهي ڪيترو به روئندو چلائيندو رهي، ان جي شرير ۾ جيڪا به زهر ڦهلائيندڙ شيءِ آهي، گندگي آهي، جيڪا اڳتي هلي وڌيڪ زهر پٽجي هنجي حياتي وٺي سگهي ٿي، ڊاڪٽر انهيءَ کي پنهنجي ڇريءَ سان ڪوڏي بلڪل صاف ڪري ڇڏيندو آهي. بيمار ته ٿڏهن شڪر گذار ٿيندو آهي، شڪر مڃيندو آهي، جڏهن هنجو سوار نروگ ٿي ويندو آهي. گرو نانڪ صاحب جن ڪٿهن جي نندا نه ٿا ڪن پر هو رٿئي کي سوڌهن آندا ضرور چون ٿا ۽ رواجي پيسن سان اُنجي مشابهت ڪن ٿا. پاڻ فرمائين ٿا ته پيسن ۾ ڇو ٿا اُلجهو؟ ٿوهان کي جيڪي مٺو آهي، اُهو شبد جي ڪمائي مان مٺو آهي، نام جي ڪمائيءَ مان مٺو آهي.

سچهُ اوريِ سڀ ڪو اوپر سچ آچار. (٥)

هيٺئر سڀ ڪجهه ورڻن ڪرڻ کان پوءِ پاڻ فرمائين ٿا، جپ-تپ، پوڄا پاٺ، دان پنج جو جيڪو به ڦل آهي، اهو سچو ٿوهانکي شبد ۽ نام جي ڪمائيءَ کان هيٺ رکندو. "اُپر سچ آچار"-

پڙهڻ جو فائدو آهي، پڙهائڻ جو به فائدو آهي. اسان ته رڳيون ۽ وسون ٻڌائي ڇڏيون آهن. پڙهڻ وارو طوطي وانگر پڙهندو ويندو آهي. اهو گهڙي رکي ڇڏيندو آهي ته هيترن منٽن ۾ هيترا پنا پورا ڪرڻا آهن ۽ هيترن منٽن ۾ پاٺ سماپت ڪرڻو آهي. جنهن چيز جي سمجهه ئي ڪانهي، ان مان اسين فائدو ڪهڙيءَ طرح وٺي سگهنداسين؟ مان پڙهڻ جي نندا نٿو ڪريان، ضرور پڙهڻ گهرجي، پر سوچي پڙهڻ گهرجي، سمجهي پڙهڻ کپي. جيڪي ڪجهه به پڙهندا آهيون اهو اسان جي اندر پنهنجو اثر پيدا ڪري ۽ اندر ان مان لاڀ وٺي اسان کي پنهنجي جيون کي پوترو بڻائڻو آهي، شبد ۽ نام سان خيال کي جوڙڻو آهي. انهيءَ ڪري گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته توهين من ۽ ٻڌيءَ وسيلي، گرنٿن پوٿين، ويدن شاسترن جي ٻل تي ڪڏهن به ان پرماتما سان ملي نه سگهندا. وري فرمائين ٿا - 'ڪيتي ٻڌن جيتي ڪي' ته جيترا به طريقا ۽ ساڌن متي سمجهايا ويا آهن، اهي توهان کي وڌيڪ مضبوط ٻڌنن ۾ جڪڙي ڇڏيندا. ڪهڙا ساڌن؟ هي جيڪي هون ڪجن ٿا، هٺ ڪرم ڪجن ٿا، جپ تپ پوڄا پاٺ ڪجن ٿا، دان پنج ڪجي ٿو، انهن ساڌنن سبب ته ٻڌنن جي اندر اڃا به وڌيڪ ٻڌجندا وينداسين. پاڻ فرمائين ٿا ته ڀرمن، سنڪلپن ۽ وهمن ۾ اٽڪو ڦاسي ٿا وڃون جو وري انهن مان نڪرڻ ئي نه ٿيندو، انهن ڀرمن ۽ سنڪلپن مان نڪري خيال ڪڏهن به شبد ۽ نام جي طرف وڃي نه سگهندو. پاڻ فرمائين ٿا :-

انڪ ڪرم ڪيتي ٻهتيري، جو ڪيجئه سو ٻڌن پئري.
(آد گرنٿ، ص ١٠٧٥)

جيڪي به من ٻڌيءَ دوارا پرماتما سان ملڻ جا طريقا اسين سوچي رهيا آهيون، اهي اسان کي پرماتما جي طرف نه وٺي ويندا، اهي ته اسان کي پاڻ مضبوطيءَ سان انهن ٻڌنن ۾ ڦاسائيندا وڃن ٿا. پاڻ فرمائين ٿا :-

اسانکي پرماتما ٻي ڏسڻ ۾ ايندو آهي، دنيا ۾ اهو ڪجھ به نظر نه ايندو. ڇو ته، پرماتما سڀ کان مٿي آهي، انڪري اسانکي پنهنجي اصليت جو پتو لڳندو آهي ته اسين ڪيترو هيٺ آهيون ۽ پرماتما کان سواءِ اسان کي دنيا ۾ ڪجھ به ڏسڻ نه ايندو. ان ڪري گرو صاحب جن فرمائن ٿا، ته اسين هيٺ آهيون، اهو پرماتما تمام مٿي آهي ۽ هرهڪ اسان کي پاڻ کان مٿي ٿي نظر اچي ٿو. اسين پاڻ کي سڀ کان ننڍو سمجھڻ شروع ڪندا آهيون. ان پرماتما جو نور، ان پرماتما جو پرڪاش اسان مان هرهڪ جي اندر آهي. اهو اپديش ڪنهنجو آهي؟ جيڪي ان پرماتما کي ڪٿي ڪٿي ۽ پتي-پتي جي اندر ڏسن ٿا، گرو صاحب سڀ کان پهرين سمجھائين ٿا:-

هر مندر اهه سرابر هڻ، گيان رتن پرگٽ هوءِ.

(آد گرنٿ، ١٣٤٦)

ڀائي! تنهنجو هيءُ سرير اُن مالڪ جي رهڻ جو هري-مندر آهي. جڏهن به توکي مالڪ جي ملڻ جو گيان ٿيندو، پنهنجي اندر مان ئي ٿيندو. جنهن وقت ان چيز جو گيان ٿي ويندو آهي ته اسان جو سرير ئي پرماتما جي رهڻ جو هري مندر آهي، اسان کي پنهنجي اندر پرماتما نظر اچڻ شروع ٿيندو آهي. اڳتي هلي فرمائين ٿا:-

هري مندر اهه جگت هڻ گر بن گهور انڌار.

(آد گرنٿ ١٣٤٦)

پوءِ پتو لڳي ٿو ته، رڳو هيءُ سرير ئي هري مندر نه آهي. پر هيءَ ساري دنيا ئي پرماتما جو هري مندر آهي. اهو پرماتما ته ڪٿي ڪٿي ۾، پتي پتي ۾ وياپڪ آهي. پر اهو پتو ڪڏهن لڳندو آهي؟ جڏهن ان پرماتما کي پنهنجي اندر ڏسڻ شروع ڪندا آهيون. ڇونته اسين ٻه آهيون ته پرماتما سرو وياپي آهي، هر جڳهه موجود آهي، پر دراصل اسان ڪڏهن سمجھيو ئي ڪونهي

جيڪو شبد ۽ نام جي ڪمائيءَ جو ڦل آهي، اهو توهانکي تمام مٿي وٺي ويندو، واپس وڃي پرماتما سان ملائي ڇڏيندو. مون ڪيترا دفعا ذڪر ڪيو آهي تہ جپ-تپ، پوڄا-پاٺ جو ڪهڙو ڦل ملندو آهي؟ سيٺ ساهوڪار ٻيهر اچن ٿا، راجا مهاراجا ٻيهر وڃن ٿا، قومن، مذهبن، ملڪن جي حڪومت حاصل ڪن ٿا. لوهہ جون زنجيرون لهن ٿيون، سون جون پيرن ۾ وجهي وڃن ٿيون، "سي" ڪلاس مان ڇوٽڪارو پائي "اي" ڪلاس ملي وڃي ٿو، جهوپڙن مان اٿي ڪري محلن ۾ وڃائين ٿا، هٿ مان جهاڙو نڪري ويندو، حڪومت جون واڳون ملي وينديون، زيادهہ تہ ونڊڪٽ ۽ سرڳن جي طرف هليا ويندا آهن، اهي بہ پوئين جوڻيون آهن، مقرر وقت لاءِ آهن. ان ڪان پوءِ وري اهوئي چوراسيءَ جي جيل خاني ۾ اچڻو پوندو آهي. انهيءَ ڪري گرونانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ جن چيزن جي پٺيان لڳي ٿو راتو-ڏينهن ڪرم ڪماءِ ۾ الجهيو وڃو آهين، پر من ۾ ڦاٿو پيو آهين، انهن جو ڦل توکي شبد کان گهڻو هيٺ رکندو، ترڪنيءَ کان گهڻو هيٺ رکندو. اها چيز توکي من ۽ مايا جي دائري کان مٿي وٺي وڃي سگهندي جيڪا من-مايا جي دائري کان مٿان ايندي هوندي. اهو شبد سچ کنڊ کان نڪرندو آهي ۽ هر هڪ جي اندر اکين جي پٺيان ڌنڪارون ڏئي ٿو. جڏهن وقت اسين ان سان جڙي وڃون ٿا، انکي پڪڙي اسين بہ من ۽ مايا جي دائري کي پار ڪري ويندا آهيون.

سب ڪو اوُچا آکيئي نيچ نہ ديسئي ڪوءِ.
اِڪنئي ڀانڊي ساجئي اِڪ چانڻ تهہ لوءِ.

هاڻي فرمائين ٿا تہ جڏهن شبد ۽ نام جي ڪمائي ڪري اسين پنهنجي اندر ۾ پرماتما کي پرگهٽ ڪندا آهيون، تہ ڏهن اسانکي پتو پوندو آهي تہ جيڏانهن بہ اسين نظر ڦيرائينداسين،

جيڪڏهن مهاتمائن جي سکيا جون ٻه ٽي ڳالهيون اسان جي سمجهه ۾ اچي وڃن ته پرماتما هڪ آهي ۽ ان پرماتما سان ملڻ آتما سهائتا ٿي سگهي ٿي ۽ اهو پرماتما ڪٿي ٻاهر نه آهي، اسان جي شرير جي اندر آهي ۽ جڏهن ته اسان کي مندر پنهنجي اندر ئي مندر؛ جو ڪجهه به اسين ڪري رهيا آهيون، اهو پرماتما ڏسي رهيو آهي، ان جو ڦل ڀوڳڻو پوندو - ته سان چوان ٿو ته ساري دنيا جي حالت ئي بدلجي سگهي ٿي. اسين ڪڏهن اڻ ڏٺا آهيون؟ جڏهن هندو ڪنهن ٻئي کي ايشور ٻڌائي وڃن ٿا. سک ۽ عيسائي ڪنهن ٻئي کي ايشور سمجهي وڃن ٿا. ڪو چوي ٿو ته مندر ۾ مندر ڪو گردواري ۾ ڳولهي ٿو، ڪو مسجد ۾ ته ڪو ديول ۾ ڳولهي ٿو. اسين انهن جڳهين جي جهڳڙن ۾ ڏينهن - رات قائل آهيون. پاپ ۽ برا ڪرم ته اسين ان وقت ڪندا آهيون جڏهن اسين سمجهندا آهيون ته اسان کي ڪو ڏسڻ وارو ڪونهي، پڇڻ وارو ڪونهي. روحانيت ته تمام اوچي چيز آهي، نام جي ڪمائي ته تمام اوچي چيز آهي. جيڪڏهن اهي ٻه ٽي رواجي سکيائون جن جو هرهڪ ڌرم پرچار ڪري ٿو، هي عام سچايون جيڪي هرهڪ ڌرم سمجهائي ٿو ته اسان جي ساري زندگي ئي بدلجي سگهي ٿي. انڪري گرونانڪ صاحب جن ڪولي اُپديش ڪن ٿا ته جيڪي ڪجهه به پرماتما پيدا ڪيو آهي، ان جي اندر پرماتما خود وسيو آهي. انڪري اسين سڀني کان هيٺ آهيون، ساري دنيا اسان کان مٿي آهي.

ڪرم ملئه سچ پائيئي ڌر بخس نه ميٽئه ڪوءِ. (6)

جنهن شبد ۽ نام جي پاٺ اهڙي مهما ڪن ٿا، ان دولت کي، ان بخشش کي اسين ڪڏهن پراپت ڪري سگهنداسين؟ پاٺ فرمائين ٿا، 'ڪرم ملئه سچ پائيئي' جنهن وقت اسان تي پرماتما جي دَيا ٿيندي آهي، اسان تي پرماتما جي بخشش ٿيندي آهي. جيستائين پرماتما اسان تي دَيا نه ڪري، اسين ڪڏهن به ان

۽ اسين ڇئون ڇا ٿا؟ انهيءَ ڪري گرونانڪ صاحب جن فرمائين ٿا، جنهن پرماتما هن دنيا جا پورن ٺاهيا آهن، جنهن پرماتما ساري دنيا جي رچنا پيدا ڪئي آهي، ان جو نور، ان جو پرڪاش هرهڪ جي اندر آهي ۽ جڏهن اسان کي پنهنجي اندر پرماتما جو نور نظر اچڻ شروع ٿيندو آهي، ته پوءِ اسان کي هرهڪ جي اندر پرماتما ئي پرماتما نظر ايندو آهي. اهو ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا :-

اول الله نور اُپائيا قدرت ڪي سڀ بندي.
ايڪ نور تي سڀ جگ اُپجيا ڪئن ڀلي ڪو مندي.

(آد گرنٿ، ١٣٤٩)

نه ان پرماتما پنهنجي جوت هرهڪ جي اندر رکي آهي، دنيا ۾ مون کي ۽ نه ڪو سٺو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، نه ڪو خراب ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مون کي ته اها جوت ئي جوت ڏسڻ ۾ اچي ٿي، اهو پرماتما ئي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. گرونانڪ صاحب جن فرمائين ٿا :-

جيته جنت سڀ لسدي، سڀنا ڪا سوئي،
مندا ڪسنو آکيئي جو دوجا هوئي،

(آد گرنٿ، ٤٢٥)

هي پرماتما، ساري دنيا جا جيو ٿو خود پيدا ڪيا آهن، ۽ خود پيدا ڪري هرهڪ جي اندر پاڻ ئي سڀ جي اندر وسندو آهين. پر ۽ ڪوئو ته مان ٿڏهن چوان جڏهن انهن کي ڪنهن ٻئي پيدا ڪيو هجي يا انهن جي اندر ڪو ٻيو نواس ڪندو هجي. سو جنهن مهاتما جا شردالو ٿجي اسين ڏوم ٻڌائي وٺا آهيون، جاليون ٻڌائي وٺا آهيون، انهن جو ڏسو اُپديش ڪهڙو آهي ۽ اسان جي دنيا ۾ ٿي ڇا رهيو آهي؟ اسين ڪهڙي طرح هڪٻئي سان نفرت ڪندا آهيون، ڪهڙيءَ طرح هڪ ٻئي کي نفرت جي نظر سان ڏسندا آهيون. اسان سمجهون ٿي ڪونه ٿا ۽ هرهڪ جي اندر اهو پيدا ڪرڻ وارو پرماتما وسندو آهي.

آهيون، پنهنجو وجود ئي ختم ڪري ڇڏيندا آهيون، پنهنجي پنهنجي الڳ هستي ئي ڀلجي ويندا آهيون. شش جي اندران اهم ڀاءُ نڪري ويندو آهي، ٻِڪ سنڪرو ٿي ٽٽجي ويندو آهي. گرمکن جو اصلي سروپ ڪهڙو ٿيندو آهي؟ اهو ڪو شرير يا ديهه نه آهي؛ اهو شبد ۽ نام آهي. اسانجي آتما شش آهي ان جو گرو شبد آهي. هيءَ آتما ان گروءَ ۾ سمائجي ويندي آهي، ان شبد ۾ لين ٿي ويندي آهي، ان ۾ گم ٿي ويندي آهي. اسين پنهنجو وجود ئي گم ڪري ڇڏيندا آهيون. اوهان عام طرح ٻڌو هوندو، پڙهيو هوندو، 'رانجها رانجها ڪردي نِي مئن آپي رانجها هوئي' يعني رانجهي سان منهنجي اهڙو پريم آهي جو مان پنهنجو پاڻ کي ئي ڀلجي وئي آهيان، وڃائي وئي آهيان؛ مان پنهنجو پاڻ کي ئي رانجها سمجهڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. سو ان وانگر گرمکن جي سنگت ۽ صحبت ۾ اسانجي نه سنڪرو-پڻي پوري ٿي ويندي آهي، اسين سنڪرو ئي ٽٽجي ويندا آهيون، پنهنجو پاڻ کي ئي ختم ڪري ڇڏيندا آهيون پنهنجو پاڻ کي ئي ڀلجي ويندا آهيون.

پيي امرت سنتوکٿا دُرگهه پيدا جاءِ. (٧)

پاڻ فرمائين ٿا، اسان کي اُٿي امرت ويل نام پيئڻ لاءِ چوندو آهي، اسين اُٿي وڃي امرت پيئڻ شروع ڪندا آهيون. جنهن وقت اسان پنهنجي اندر ۾ ان امرت کي، ان آب-حيات کي پراپت ڪندا آهيون، پوءِ پاڻ فرمائين ٿا، - 'دُرگهه پيدا جاءِ' ان مالڪ جي درگاهه ۾ وڃي هميشه جي لاءِ شوڀا ۽ عزت پائڻ شروع ڪري ڇڏيندا آهيون. گرو نانڪ صاحب جن جي سمجهائڻ جو مطلب آهي ته بخشيش ته مالڪ ڪندو، پر جڏهن به ڪندو گرمکن جي دوارا ئي ڪندو، سنتن مهاتمائن دوارا ئي ڪندو. جڏهن انهن جي سنگت ۾ وڃي اسين شبد ۽ نام جي ڪمائي ڪريون ٿا ته پوءِ اسين پنهنجي اندر ۾ ان امرت کي پيئڻ شروع

نام کي پنهنجي اندر پراپت ڪري ۽ سگهنداسون ۽ جڏهن شبد ۽ ۽ نام جي اسان کي بخشش ٿي ويندي آهي، گرو صاحب جن فرمائين ٿا، 'تُو بخس له مٽڻ ڪوءِ.' ان بخشش کي اسان ڪان ڪوهه ڪسي نه سگهندو. نه جم دوتن ڏانهن وڃڻو پوندو، نه ڌرم راءِ جي طرف وڃڻو پوندو ۽ نه چوراسيءَ جي جيل خاني ۾ وڃڻو پوندو. ان بخشش کي پراپت ڪري ئي اسين بخشش ڪرڻ واري ۾ سمائجي ويندا آهيون. سو جيڪي ڪجهه ملڻو آهي اهو نام جي ڪمائيءَ مان ئي ملندو. پاڻ فرمائين ٿا، اها نام روپي دولت ان وقت ملندي آهي جڏهن اسان کي مالڪ جي دِيا، مهر ۽ بخشش ٿيندي آهي.

ساڌ ملئه ساڌو جنئه سنتوک وسئه گر ڀاءِ،
آکٿ ڪٿا ويچاريئي جي ستگر ماهه سماءِ.

هاڻي من ۾ خيال ٿو اچي ته پرماتما ته ڪنهن ڏٺو ڪونهي، مالڪ بخشش ڪهڙي طرح ڪندو آهي، مالڪ دِيا مهر ڪهڙي طرح ڪندو آهي؟ گرو صاحب ان جو جواب ڏين ٿا- 'ساڌ ملئه ساڌو جنئه سنتوک وسئه گر ڀاءِ'- جنهن وقت مالڪ بخشش ڪندو آهي اسان کي گرمکن جي سنگت ڏيندو آهي، سنتن مهاتمائن جي سنگت ڏيندو آهي سنتن مهاتمائن جي سنگت ڏيندو. انهن جي سنگت ۽ صحبت ۾ اچي اسان جي من جو ڀٽڪڻ بند ٿي وڃي ٿو، اسان جي من ۾ سنتوش اچي ٿو، شانتي اچي وڃي ٿي ۽ جڏهن اسان کي انهن گرمکن کي ڀروسو ۽ وشواس اچي ويندو آهي- اهي ڇا ڪندا آهن 'اکٿ ڪٿا ويچارئي'- جنهن وقت سندن اپديش انوسار اسين اکٿ ڪٿا ڪندا آهيون، يعني شبد جي ڪمائي ڪندا آهيون، نام جي ڪمائي ڪندا آهيون، اسان جي اوستا، اهڙي اوچي ۽ پوتر ٿي ويندي آهي جو 'ستگرو ماهه سماءِ'، اسين واپس وڃي پنهنجي ستگروءَ ۾ سمائجي ويندا

وڃن ٿا. آهي ڪهڙيءَ طرح گرمک ٿيا؟ ”من سمجهاءِ“ - ٻڌجي من کي سمجهائي گرمک ٿين ٿا. انهن من کي ڪهڙيءَ رهت سمجهايو؟ هن کان اڳ ستن ۽ گرو صاحب اهوئي سمجهائيندا آيا آهن ته اسان کي من کي ڪهڙيءَ طرح سمجهائڻو آهي. من کي ڪرم ڪانڊ مان ڪڍڻو آهي، دان-پُن مان ڪڍڻو آهي، پڙهڻ-پڙهائڻ مان ڪڍڻو آهي. من کي دنيا ۽ شرير جي اندر ايڪاگر ڪري نام سان جوڙڻو آهي، شبد سان جوڙڻو آهي. شبد ۽ نام جي ڪمائي ڪري اسان کي من ۽ مايا جي دائري کان ٻاهر وڃڻو آهي ۽ گرمک ٿيڻو آهي. تڏهن وڃي اسان جو من سمجهندو. جيستائين من نه سمجهندو، اسين گرمک نه ٿي سگهنداسين. جيستائين گرمک نه ٿينداسين اسين واپس وڃي پرماتما سان ملڻ جي قابل نٿا ٿجون.

نانڪ نام نه ويسريءَ ڇوٽي سبد ڪماءِ. (۸-۱۴)

گرو نانڪ صاحب جن اسان کي سڀ ڪجهه چڱيءَ طرح سلسليوار طريقي سان سمجهايو آهي ۽ اسان کي ٻڌجي خيال کي سيڙهي پرمن ۽ سنڪلپن مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ٻاڻي شبد ۽ نام جي مهما چڱيءَ طرح کولي ورنن ڪئي آهي. سڀ ڪجهه ورنن ڪري ٻاڻي سمجهائين ٿا - نانڪ نام نه وسريءَ ڇوٽي سبد ڪماءِ - نام کي ڪڏهن نه وسارڻ نه گهرجي، نام کي ڪڏهن ڀلائڻ نه گهرجي. اٿندي - وهندي، گهمندي - ڦرندي - هميشه نام جي ڪمائي ڪرڻي آهي، ڇاڪاڻ ته - ڇوٽي سبد ڪماءِ - جڏهن ته دنيا جي بندنن مان ڇٽنداسين، جڏهن وقت دنيا ۾ اچڻ جو اديش ۽ مقصد پورو ٿيندو، فقط شبد جي ڪمائيءَ دوارا ئي ٿيندو. ان ڪري اسان کي ته گهرجي ته سندن اپديش انوسار ٻاهر جي سنڪلپن ۽ ڀرمن مان خيال ڪڍي شبد سان جوڙيون نام سان جوڙيون.

ڪري رهيا آهيون، پر اسين واپس وڃي ان شبد ۽ نام ۾ سمائجي وڃون ٿا.

گوڙ گوڙ باجئہ ڪنگري آن دن سبد سڀاءِ.

هيئنر گرو نانڪ صاحب جن ٿورو اندر جو اشارو ڪن ٿا ته جڏهن وقت شبد ۽ نام جي ڪمائي ڪري اسين من ۽ مايا جي دائري کان مٿي وڃڻ لڳا آهيون، اسان جي آتما ۽ من جي ڳنڍ ڪلي پوندي آهي، اسين ٽين منزل، دسوين دوار ۾ پهچي وڃڻ آهيون. اتي جي ڪهڙي نشاني آهي؟ اتي جيڪو شبد جو آواز آهي اهو ڪنگري جهڙو آهي. پاڻ فرمائين ٿا ته اهو ڪنگري ۽ سارنگيءَ جو آواز هرهڪ جي اندر وڃي رهيو آهي، هرهڪ جي اندر ڏنڪارون ڏيئي رهيو آهي. اهو نه ڇورن جي اندر به آهي، ساڌو، سنتن، مهاتمائن جي اندر به آهي. جتي ڪنهن به جاتيءَ، ڪنهن به ڌرم، ڪنهن به ديس جو سوال ئي نٿو اٿي. پر اهي ڪهڙا خوش قسمت ۽ ڀاڳن وارا جيو آهن جيڪي ان منزل تي ان نقطي Point تي پهچي ان سارنگيءَ جو آواز ٻڌن ٿا، ان سارنگيءَ جي آواز سان خيال کي جوڙين ٿا. پاڻ اڳتي هلي اشارو ڪن ٿا:-

ورلي ڪئہ سوجهي پڙي گورمکہ من سمجهاءِ.

پاڻ فرمائين ٿا ته اهو آواز يا شبد ۽ نام ته هرهڪ جي اندر ان منزل تان اچي رهيو آهي پر- 'ورلي ڪئہ سوجهي پڙي'- ليکن ڪروڙن ۾ ڪو هڪ اهڙو جيو آهي جو گورمکن وٽ وڃي، ڪرم ڪانڊ مان خيال ڪڍي، پنهنجي ٻڌيءَ کي ڇڏي، ستگروءَ جي اُپديش تي هلي، شبد جي ڪمائي ڪري، نام جي ڪمائي ڪري ان استان تي پهچي ان آواز کي ٻڌي ٿو، ان شبد سان پنهنجي خيال کي جوڙي ٿو. اهي ڪهڙا شخص يا ماڻهو آهن؟ پاڻ فرمائين ٿا اهي گورمک لوڪ آهن. جڏهن وقت ان استان تي پهچي ان ڪنگريءَ جي آواز کي ٻڌن ٿا، اهي گورمک پنهنجي

ٻارهون ڇاپو　　　آگسٽ ١٩٨١　　　ڪاپيون ٥٠٠٠

ڇپائيندڙ: ايس - ايل - سونڌي
سيڪريٽري راڌا سوامي ستسنگ، بياس، ضلع امرتسر (پنجاب)
ڇپيندڙ: ڪوهنور پرنٽرس، شيدا محلا، ڊگهي بزار، اجمير

سنڌي ڪتابن جي لسٽ

ڪتاب جو نالو	ليکڪ
١. سار وچن نثر	حضور سوامي جي مهاراج
٢. پرمارٿي پتر	بابا جيمل سنگهه جي مهاراج جن جا حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن ڏانهن لکيل خط
٣. امرت وچن	بابا جيمل سنگهه جي مهاراج
٤. امرت وچن	حضور مهاراج ساون سنگهه جي
٥. پرمارٿي ساکيون	حضور مهاراج ساون سنگهه جن جون ستسنگ ۾ ٻڌايل ساکيون
٦. سنتن جي سکيا	حضور مهاراج ساون سنگهه جن جا ستسنگ
٧. گورمت سار	حضور مهاراج ساون سنگهه جن جي پستڪ گورمت سڌانت جو ديباچو
٨. سنت مت	حضور مهاراج ساون سنگهه جن جا ستسنگ
٩. سنت جهڙو ڪي وپت چڙاوان	حضور مهاراج ساون سنگهه جي
١٠. آتمڪ وگيان	سردار بهادر مهاراج جڳت سنگهه جن جا ستسنگ ۽ خط
١١. روحاني گل ڦل	سردار بهادر مهاراج جڳت سنگهه
١٢. سنت مت درشن ڀاڱو ١-٢	حضور مهاراج چرن سنگهه جن جا ستسنگ ۽ چٺين جا جواب
١٣. سنت مارگ	حضور مهاراج چرن سنگهه جن دوارا سنت مت جي وياکيا
١٤. ستسنگ ١ کان ١٨	حضور مهاراج چرن سنگهه جن جا ستسنگ
١٥. سنتن جي باڻي	مختلف سنتن جون باڻيون
١٦. وينتي ۽ پرارٿنا جا شبد	مختلف سنتن جي باڻيءَ مان شبد
١٧. ستگورن جي سکيا ١-٢-٣-٤ (گڏيل)	شري ليکراج پوري
١٨. روحاني ڊائري ڀاڱو ١-٢-٣	راءِ صاحب منشي رام
١٩. هنسا هيرا موتي چڳنا	ڊاڪٽر ڪرپا سنگهه نارنگ
٢٠. ڌرتيءَ تي سرڳ	ديوان دريائي لعل ڪپور
٢١. سنت سماگم	ديوان دريائي لعل ڪپور
٢٢. ٽلسي صاحب (هاٿرس جي پرم سنت)	
٢٣. ميران پريم ديواڻي	
٢٤. حق حلال جي ڪمائي	

ڪتاب ملڻ جا هنڌ: سڀ ستسنگ سينٽر

Satsang No. 18
(Sindhi)